# سنڌي ساهت

۽

# مشهور مستشرقين

از:

حبيب الله مولا بخش ڀٽو

مسڪين پبليڪيشن،
پراڻو مارڪيٽ،
شڪارپور سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



حبيب الله ڀٽو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مسکین پبلیکیشن“ جي پهرين پيشکش .

# سنڌي ساهت

۽

## مشهور مستشرقين

# Sindhi Literature
AND
# Famous Orientalists.

ڇاپو : پهريون . ڪاپيون : هڪ هزار .

ماهه مارچ سن ١٩٧٣ع .

مصنف جا سڀ حق واسطا قائم .

قيمت :- اڍائي رپيا .

مصنف :-
حبيب الله مؤلا بخش ڀٽو .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ننڍي ڀاءُ ۽ سڀاجهي ساٿي:
عنايت الله ڀٽو مرحوم جي ڏالي سان، جيڪو ۱۷- مارچ ۱۹۷۲ع، مطابق ۱- صفر، سن ۱۳۹۲ هه، جمع ڏينهن صبح جو، اوچتوئي اوچتو ۽ سواءِ ڪجهه چوڻ آکڻ ۽ ٻڌائڻ سڌائڻ جي، زندگيءَ جي ڀواٽي تان، زور سان اسان کان هٿ ڇڏائي ۽ اسان کي هميشه جو ڏهاڳ ڏيئي، پاڻ وڃي ابدي ننڊ سان آرامي ٿيو!

غم-زده:
(حبيب الله ڀٽو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تقريظ (۱)

”سنڌي ساهت ۽ مشهور مستشرقين“ جي عنوان سان لکيل هي ننڍڙو ڪتاب مون پڙهي ڏٺو آهي. هيءَ ڪارگر ڪتاب منهنجي شهر جي هڪ ڪهنه مشق ۽ با علم اديب: محترم ماستر حبيب الله پنهور صاحب شڪارپوريءَ جي بار آور ڪوششن جو نتيجو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي اصليت ۽ اوائلي دؤرن بابت هي لکيل ڪتاب منهنجي نظرن مان گذريا آهن، تن جي صف- اول ۾ هن ننڍڙي شاهڪار کي جاءِ ڏجي ته بي جاءِ نه ٿيندو. ڪتاب جي لکڻي درست، سليس ۽ سلوڻي آهي- لکندڙ جي محنت ۽ ترتيب قابل داد آهي ۽ پڙهندڙن لاءِ ضرور سود مند ثابت ٿيندي. هن قسم جا درسي ڪتاب جيڪڏهن اسانجي ٻچن کي بي-اي ۽ ايم-اي ڪلاسن ۾ پڙهايا وڃن، ته ڏاڍو چڱو ٿئي، ڇو ته اهڙن ڪتابن جي مطالع بعد ئي کين پنهنجي مٺڙي ۽ وسيع ٻوليءَ جي اصليت ۽ اهميت سان واقفيت ٿيندي ۽ کين پنهنجي سنڌي ٻوليءَ جي همدرد ۽ خدمتگار اديبن جي پرڻ چارڻ ملندي.

مان محترم حبيب الله صاحب کي سندس هن بيش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن محنت تي "مبارڪ باد" پيش ڪندي کيس يقين
آءُ ڏياريان، ته هر باعلم سنڌي خصوصاً ۽ ٻيا اهل علم
عموماً، سنڌس مطالع، ڪوڃنا ۽ ڪاوش کي هڪ قومي
۽ علمي خدمت سمجهندا ۽ اُن جو قدر ڪندا.

عبدالنبي آغا (عليگ)
(رٽائرڊ ڪمشنر ۽ ميمبر سنڌي ادبي بورڊ)
آغا وارا شڪارپور سنڌ.
٩-٩-١٩٧٢ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تعارف

محترم حبيب الله ڀٽو سنڌ جو هڪ ڪهنه مشق نثر نويس آهي. مختلف علمي، ادبي ۽ ثقافتي موضوعن تي موصوف جون ڪاوشون، عوام خواهه خواص کان، داد- تحسين وصول ڪري چڪيون آهن. سندس تازه تحقيقي ڪارنامو "سنڌي ساهت ۽ مشهور مستشرقين" جو مسودو سرسري مطالع هيٺ آيو. هن ڪتاب ۾ انهن اهڙن ذارين محققن جو ذڪر ڪيل آهي، جن سنڌي ساهت جي وڏي خدمت ڪئي هئي. اهڙا لعل هاڻي ڪٿي ٿا لڀن ۽ ڀٽو صاحب انهن کي ونڌڻ ۾ هڪ مشاق وينجهار جهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي، جنهن لاءِ هن ڪيرون لهڻيون.

هيءُ ڪتاب هڪ ٻئي موضوع تي بحث جا دروازا ٻڻ کولي سگهي ٿو: انگريز هتي حڪومت ڪرڻ جي ارادي سان سنڌي سکندا هئا. اها سنڌي ٻوليءَ جي برڪت ۽ ڪشش ۽ انجي همه گيري هئي، جيڪا هنن کي علم ادب جي پڙهڻ، سمجهڻ، سکڻ ۽ لکڻ طرف مائل ڪندي هئي. هنن کي معلوم هو ته ڪين هتان آخر هلڻو وڃڻو آهي، تڏهن به هو سنڌي ساهت جي سمنڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ﭘنهنجي علمي اُڃ لاهيندا ويا!

غور ڪريو تہ انهنجا اسان سان علمي ناتا هئا، نہ ثقافتي سنٻنڌ. نہ هو اسان جا هم مذهب هئا ۽ نہ هم زبان، ان هوندي بہ بنا تعصب جي اسان جي مٺي ٻولي سکيائون ۽ ان جي علم و ادب کي دنيا ۾ پڌرو ڪيائون! انهن جي برعڪس هڪڙي قوم اها آهي، جيڪا پاڪ مسلمان ۽ مهذب سڏائيندي ڪيتري نه ٿي، ڀر باب الاسلام جي هم مذهب، سماجوڙن کي نہ پنهنجو سمجهي سگهي آهي ۽ نہ انهن جي ٻوليءَ سان ڪو انس اٿن! ان پس منظر ۾ هن ڪتاب جي اهميت پاڻ دوبالا ٿي وڃي ٿي. جت هي ڪتاب سنڌي جي مستشرقين کي بخوبي متعارف ڪرائي ٿو، اتي سنڌيءَ جي مخالفن، متعصبن ۽ پنهنجي اُڌاري ورتل تهذيب تي بيجاءِ ناز ڪندڙن لاءِ، تازيانہءِ عبرت پڻ آهي: چولتا اُهي بہ اهڙي خدمت ڪن، جڏهن سنڌ جي مقدس سرزمين انهن جي بہ پالنا ڪري ٿي؟

بشير احمد موريائي.
بي-سي-ايس

شڪارپور، سنڌ.
۷-۱۱-۱۹۷۲ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمن الرحيم

# تمهيد

بر-صغير هندو پاڪ ۾ انگريزن جي آمد، مغل شهنشاهه ”جهانگير“ (١٦٠٥-١٦٢٧ع) جي وقت ۾ ٿي، جڏهن انگلنڊ جي تاجدار ”جيمس پهرين“ پاران، سن ١٦١٥ع ۾ ”سر ٿامس رو“، هنجي دربار ۾، انگريزن جو پهريون ايلچي ٿي آيو ۽ هنجي عرض تي ئي، انگلنڊ جي ”ايسٽ انڊيا ڪمپني“ کي، هندستان سان واپار ڪرڻ جي اجازت حاصل ٿي، جا ڪمپني سنه ١٦٠٠ع ۾ برطانيه جي راڻيءَ ”ايلزبيٿ اول“ جي منظوريءَ سان، هن نندي ڪنڊ مان، ڊچ ۽ فرينچ واپارين کي تڙي ڪيڻ لاءِ قائم ڪرڻ ۾ آئي هئي.

ٿوري وقت کانپوءِ، انگريزن جي هن خالص تجارتي اداري، ملڪ اندر اينترو ته زور ورتو، جو مغل شهنشاهه ”محي الدين اورنگزيب عالمگير“ (١٦٥٨-١٧٠٧ع) جي وفات کانپوءِ، انجي پوين جي ڪمزوري ۽ تن آسانيءَ جو ناجائز فائدو وٺندي، هن سنڌ علائقي کانسواءِ، ٻڪ گهٽ پوري ملڪ تي پنهنجو قبضو ڪري ورتو هو ۽ انجي پاران، هن خطي تي، باقاعدي گورنر جنرل وغيره مقرر ٿي اچڻ لڳا هئا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڻ آوراڻو آهيان، جن جي 'ڏيهي ادب ۽ پرڏيهي اديب' جي عنوان هيٺ، اڄڪان گهڻو اڳ نشر ڪيل ڪن تقريرن مان، مون ڪي قدر مدد ورتي آهي ۽ ان باري ۾ مان ان محڪمي جي پڻ لائق ۽ همدرد دوستن: محترم نعيم مرزا ۽ جناب قادربخش ملاح کي پڻ پنهنجي دعائن ڪان وساري نٿو سگهان، جن مونکي هن ڪم کي سرانجام ڪرڻ ۾ ڪافي مدد ڪئي آهي.

اميد واثق اٿم، ته هن پرخلوص ڪوشش ۽ ناچيز محنت کي، سباجهڙي سنڌ جي پارکن ۽ اهل علم حضرات طرفان آجهين ۽ همدرديءَ جي نگاهن سان ڏٺو ويندو ۽ هن مان اسانجو تعليم حاصل ڪندڙ طبقو پڻ ڪافي ڪجهه پرائي سگهندو. والسلام

الراقم-

حبيب الله مولابخش پنهور.

واڌو مارڪيٽ:
شڪارپور، سنڌ.
مؤرخ ٢٧- آگسٽ ١٩٧٢ع،
مطابق ١٦- رجب المرجب،
سن ١٣٩٢هه.

بسم الله الرحمن الرحيم

# پيش لفظ

عربن جي آمد (٧١٢ع) کان اڳ اسان جي سونهاري ۽ سنڌڙي ۽ جون حدون، اوڀر طرف ملتان، ڏکڻ پاسي ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي پرڳڻن، اتر طرف افغانستان ۽ ايران ۽ اولهه پاسي علائقي مڪران ۽ عربي سمنڊ تائين پکڙيل هونديون هيون. ان وقت ملتان پرڳڻي جون حدون قنوج ۽ ڪشمير جي واديءَ سان وڃيو ٿي مليون، گويا ته ڪ گهٽ اچوڪو پورو 'مغربي پاڪستان' سنڌ جي ڏالي سان سڏبو هو.

اهوئي سبب ته ڏسجي، جو اسان جي شهر: شڪارپور ۽ سنڌ جي ٻين ڪيترن هنڌن جا 'هندو' پاڻ کي ملتاني سڏائيندا هئا. ازانسواءِ مسلمانن جون ڪيترين ذاتيون ۽ قبيلا اڄ به، مشترڪ طور تي، پوري اولهه پاڪستان ۾ وسيل ۽ آباد ٿيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا!

اڄ جنهن سرزمين کي اسين 'سنڌ علائقي' جي نام- نامي و اسم گراميءَ سان سڏيون ٿا، تنهنجون حدون، اتر ۾ پنجاب ۽ سرحدي علائقن، اوڀر ۾ راجپوتانا ۽ جيسلمير جي رياستن، ڏکڻ ۾ ڪڇ جي ڊار ۽ عربي سمنڊ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي آهي.

اسان جي ملڪ جا ماڻهو آرين کان وڌيڪ سگهارا ۽ قداور هوندا هئا، پر 'آرين' جي چڙ ۾، اسان جي ماڻهن کان وڌيڪ اڇي هوندي هئي، ان ڪري هو ساڃ وچان ۽ پنهنجي احساس برتري جتائڻ لاءِ، انهن کي "دسيو"، يعني اڻ سڌريل ڪري سڏيندا هئا ۽ انهن جي ٻارن، پنهنجي عورتن کي وري، "داسي" جي نالي سان سڏيو ويندو هو!

هن جي وچ مان "سنڌو- درياءَ" نالي هڪ وڏي ندي وهي ٿي، جنهن جي ڊيگهه انڪل ١٨- سؤ ميل آهي ۽ ان نڪتہ نگاہ کان، هن جو دنيا جي دريائن ۾، سترهون نمبر بيهي ٿو.

هن اڳهه منڍي ۽ روبهوري ٻاڻيءَ جي وهڪري کي، دنيا جي تاريخن ۾، تمام گهڻن طريقن ۽ نالن سان ساراهيو ۽ بيان ڪيو ويو آهي. هڪ ڏند ڪٿا موجب: جنت مان چار درياءَ، نيل، فرات، جيحون ۽ سيحون؛ وهندڙ آهن: 'سيحون' سنڌو- نديءَ جو عربي نالو آهي! ڇا نہ هجي، پر هيءَ هڪ ناقابل ترديد حقيقت آهي، تہ جيڪڏهن "نيل" مصر ۾، فرات عراق ۾، جيحون ترڪستان ۾ ۽ سيحون سنڌمان وهندڙ نہ هجن ها، تہ اهي ملڪ اڄ تاريخ ۾ "صحرا" جي نالن سان سڏجڻ ۾ اچن ها!

آرين جي پراڻن ويدن ۾ پڻ، اسان جي نديءَ جي

جي لغظ ”سيند“ مان لڌل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: ”وهڻ“ ۽ ان موجب ”سنڌو“ جي معنيٰ ٿئي ٿي: ”سدائين وهندڙ ندي!“ سنسڪرت ۾ ”سنڌو“ کي ”سمنڊ“ يا ”وڏو درياءُ“ به ڪري سڏيو ويندو آهي ۽ ان درياءَ تان ئي هن علائقي کي ”سنڌ“ نالو مليو! آنجهاني ڪاڪي ڀيرومل آڏواڻي وري برصغير کي حضرت نوح رح جي ٻن پٽن: ’هند‘ ۽ ’سند‘ جي نالن سان منسوب ڪيو آهي!

هن نديءَ جون ٻيون ڪيترئيون ننڍيون ننڍيون، پرتي ڪندڙ هوندڙيون هيون، جنهن سبب هيءَ ڇڙ ته هڪ ’سمنڊ‘ جو ڏيکاءُ ڏيندي هئي، جنهن ڪري آرين هن کي اهو نالو ڏنو (۱) هن وقت هيءَ ندي، ٻين نديُن کان ڌار ٿيڻ سبب، پنجاب جي ”منڻ ڪوٽ“ وٽان هڪ ئي ندي ٿي وهي ٿي. اڄ به هن نديءَ جو پيٽ، ديره اسماعيل خان کان وٺي ڪالا باغ تائين ايترو آهي، جو هن جي وچ ۾ بيٺل ٻيڙي، ٻنهي ڪنارن تان ڏسڻ ۾ نه ايندي آهي! ڪنهن زماني ۾، هندستان جي اوڀر ۽ ملائم ماڻهن کي پڻ: ”سنڌو“ جي نالي سان سڏيندا هئا.

هن ديس جي ٻوليءَ بابت پڻ، زبانن جي ماهرن جا، جدا جدا رايا ۽ نظريا آهن: جيئن ته ڪن ڄاڻن جو چوڻ آهي، ته ”سنڌي زبان، سنسڪرت جي ڌيءَ

(۱) Combridge History of India-Vol:1, P-80.

آهي۔" ڪي صاحب وري چون ٿا، ته "سنڌي ٻولي، سنڌيءَ طرح سنسڪرت مان نڪتل نه آهي، ٻر سنسڪرت جي اڳ، واري دؤر کان به اڳ جي، سنڌو- ماٿريءَ جي، اوائلي زبان آهي" ۽ ڪن صاحبن وري لکيو آهي، ته "خود سنسڪرت زبان، سنڌي زبان مان ڄاول هڪ زبان آهي"! بعض بزرگ وري ڄاڻائين ٿا، ته "سنڌي زبان، آريه زبانن جي نه، ٻر عربي زبان سان مائٽي رکندڙ زبان آهي!" مطلب ته جيترا آهن ڪتاب، اوترئيون آهن هن ٻوليءَ بابت ڳالهيون!

هن حقيقت کي اکين آڏو رکندي، سنڌي زبان جو هڪ ماهر ۽ مشهور ايڪٽ: پروفيسر **خواجه غلام علي الانا** ماهنامه: "نئين زندگي" جي، ماه جون ١٩٦٥ع جي اشاعت جي، صفحه ٢٤ تي، لکي ٿو ته:-

"سنڌي زبان، انجي تاريخي ارتقا، توڙي اصلي بنياد جي بيان لاءِ، اسان وٽ جيڪو ڪجهه مواد موجود آهي، سو زيادة تر "ظني"، "فيرو گيانڪ" ۽ "تبليغي" آهي۔ ماهرن، سنڌي جي "اصلي بنياد" تي لکڻ کان اڳ، اول پنهنجا نظريا قائم ڪيا آهن ۽ پوءِ انهن جي اوٽ ۾، مواد گڏ ڪري، "خانه پري" ڪئي آهي۔ اهوئي سبب آهي، جو اڄا تائين "سنڌي زبان" جي "اصلي بنياد" بابت ڪا صحيح راءِ قائم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي نہ سگھي آهي."

هيءَ هڪ مستند ۽ تاريخي حقيقت آهي، تہ سنڌ ۾ اسلام جي آمد (سن ٧١٢ع) کان اڳ، هن خطي ۾ "سنڌي ٻولي" نہ فقط ڳالهائي ويندي هئي، پر اها مختلف رسم الخط جي ذريعي، اکرن ۾ پڻ ايندي هئي.

هن حقيقت جو ثبوت اسان کي "ڀنڀور" جي کوٽايل کنڊرات مان هٿ آيل ٺڪرن مان مليو آهي، جن تي رواجي ڪاري مس سان لفظ لکيل آهن، جن جي باري ۾ پاڪستان جي "آثار قديمہ" جي ڊائريڪٽر: "ڊاڪٽر ايف. اي. خان" جو چوڻ آهي، تہ اهي ٺڪر، جن برتنن جا آهن، سي هرگز ٻاهران ڪونہ گهرايا ويا هوندا، يعني اهي ضرور ديسي هوندا ۽ انهن تي جيڪا لکيت ڏسڻ ۾ اچي ٿي، سا پڻ لازمي طور تي ديسي ۽ هن سرزمين جي ئي هوندي!

عربي سياحن ۽ مؤرخن مان "جاحظ" (متوفي ٨٦٤ع) پنهنجي هڪ سفرنامہ ۾ لکيو تہ:-

"هند (سنڌ) جي ماڻهن کي اسان علم نجوم ۽ حساب ۾ گهڻو ترقي ڪيل ڏٺو. انهن جو هڪ خاص رسم الخط: "هندي" (سنڌي) آهي. هو طب جي علم ۾ بہ خاص درجو رکن ٿا. انهنجي علم طب ۾ خاص اسرار رکيل آهن ۽ انهن وٽ خطرناڪ ۽ مهلڪ بيمارين لاءِ خاص دوائون موجود آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مورتيون ٺاهڻ ۽ رنگ برنگي تصويرون جوڙڻ
انهن جو هڪ خاص مشغلو آهي. شطرنج راند به
انهن ايجاد ڪئي آهي. هيءَ راند عقل ۽ تدبر
جي هڪ خاص آزمائش آهي. نجوم جي حساب
جا ٻڻ اصل مؤجد اهي آهن. تلوارون عمديون
ٺاهي ڄاڻن ٿا ۽ انهن جي هلائڻ جي سيني
ڪرتبن کان ٻڻ چڱيءَ ريت واقف آهن. راڳ
هنن جي دلپسند چيز آهي. انهن جي هڪ ساز
جو نالو ”ڪنڪلا“ آهي، جيڪو ڪدوءَ جي
ٽنبيءَ تي هڪ تار رکي ۽ ان کي ڇڪي،
وڄائيندا آهن. هي ستار ۽ جهانجهه جو ڪم ٻڻ
ڏئي ٿو. انهن وٽ قسمين قسمين جا ناچ ٻڻ
موجود آهن.

صراف ۽ چانديءَ جو ڪاروبار ڪندڙ ماڻهو،
پنهنجا زيور ۽ پئسا انهن سنڌين ڪانسواءِ ٻئي
ڪنهن جي حوالي نه ڪندا آهن. عراق ۾ ٻيڻ
جيڪي سونارا يا صراف آهن، تن وٽ ٻيڻ
خاص طور تي سنڌي ئي ”خزانچي“ ڏسڻ ۾
اچن ٿا، ڇو ته اهي حساب ڪتاب ۽ صرافڪي
ڪم جا خاص ڄاڻو آهن. ان کان سواءِ اهي
ايماندار ۽ وفادار نوڪر ٻڻ ثابت ٿيا آهن.“ (١)

(1) Hist. of India, Vol: I, Turbner & Co: Lond.; 1867, P-39.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙيءَ طرح ٻئي عرب سياح: ” مسعودي “ (متوفي ٩٥٧ )، اسان جي علائقي جي زبان بابت لکيو آهي ته :-

” سنڌ جي زبان هندستان جي زبان کان ٻئي قسم جي آهي. اهو خطو اسلامي ملڪن جي ويجهو آهي. ”مهانگر“ يعني ولبراء جي صاحبي جي زبان ”کڙي“ آهي. اها ان طرف جي هڪ عام زبان آهي، پر اها هڪ سخت زبان جي صورت رکي ٿي. سامونڊي ڪناري وارن شهرن، جهڙوڪ: چيمور، سوپاره ۽ ٿاڻي وغيره جي زبان: ”لاڙي“ آهي. “

ان نموني ٻيو سياح: ”اصطخري“، جيڪو سن ٩٥١ع ۾ سنڌ ۾ آيو هو؛ وري پنهنجي سفرنامه ۾ لکيٿو ته:-

” منصوره، ملتان ۽ ان جي آس پاس وارن شهرن جي زبان ”سنڌي“ ۽ ”عربي“ آهي.“

عرب سياح: ”بشاري مقدسي“ (متوفي: ٩٨٥ع) جو چوڻ آهي ته:-

” ديبل هڪ سامونڊي ڪناري وارو شهر آهي ۽ هن سان اٽڪل هڪ سؤ ڳوٺ ڳنڍيل ۽ متصل ٿيل آهن. هن شهر جا رهاڪو گهڻو ڪري ”هندو“ مذهب جا آهن. هي شهر سمنڊ جي ايترو ته نزديڪ آهي، جو جڏهن پاڻيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو چاڙهه ٿيندو آهي، تڏهن سمنڊ جو پاڻي
اچي شهر جي پٽين سان ٽڪرجندو آهي. هتي
جا اڪثر باشندا واپاري آهن. اهي "سنڌي"
۽ "عربي" ٻوليون ڳالهائين ٿا. ديبل هن صوبي
جو بندرگاهه ۽ وڏي ڪمائيءَ وارو شهر آهي."
"ابن نديم" (متوفي: بعد ٩٩٥) جو ورتل هي
رايو آهي:

"سنڌ جي ماڻهن جون زبانون ۽ مذهب
مختلف قسمن جا آهن، جنهن نڪتهءِ نگاهه کان
انهن جو رسم الخط به علحدو علحدو آهي.
رسم الخط جا هن ملڪ ۾ اٽڪل ٢٠٠ سو قسم
موجود ڏسجن ٿا. سنڌ جي ماڻهن کانسواءِ سنڌ
۾ پيون ڪاري رنگ جون قومون به رهن ٿيون.
انهن جو رسم الخط "هندي" آهي."

انسواءِ ٻئي هڪ مشهور معروف عرب سياح:
"ابن حوقل"، پڻ هڪ هنڌ سنڌ بابت چاتايو آهي،
ته منصوره ۽ ملتان جي آس پاس وارن علائقن ۾ سنڌي
۽ عربي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون.
دنيا جي زبانن جو مشهور مغربي ماهر، **سر گريئرسن**
(Sir Grearson) پنهنجي جڳ مشهور تصنيف، لنگئسٽڪ
سروي آف انڊيا ( Linguistic survey of India ) ۾
هڪ جڳهه تي چاتائي ٿو انگريزن جي آمد کان اڳ سنڌ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٽڪل ۲۰- کن رسم الخط موجود هئا، جن مان روم ــن، ديوناگري، خدا آبــادي، شڪارپــوري، ساڪــرو، لهاڻڪو، پانيڪو، لاڙائـــي، ونگائي، راجــائي، خواجڪو، ٺٽائي، حيدرآبادي، سيوهــاڻي، ۽ ڏاڪڻو لهندا، خاص طور تـــي ذڪر ڪرڻ جي قابل آهن.

سر گريئرسن جي هن لکيت مان هي هرگز مطلب نہ ڪيڻ گهرجي، تہ اسان جي ديس ۾ هڪ ئي وقت ڪي هيترين سارين ٻولين ڳالهايون يا لکيون وينديون هيون، ہر حقيقت هيءُ آهــي، تہ ٻولي هڪ هئي، جنهنجو نالــو "سنڌي" هو، ٻــر ان جــي لکڻ جا لمونا ۽ رسم الخط جدا جدا هوندا هئا.

عام طرح، سنڌي ٻوليءَ بابت، زبانن جـــي ماهرن ۽ محققن جو هي متفقہ طور تي رايو آهي، تہ اوائلي دؤر ۾، سنڌ اندر، 'پراڪرت' جـي هڪ شاخ، "اپڀرمسا" يا "اپڀرنش" جي "ورچڊا" يــا "ورشدا" ٻــولــي ڳالهائي وينــدي هئــي. اپڀرمسا يـــا اپڀرنش جـــي معني آهـــي، ( اپ = بگڙيل + ڀرنش ڪريل يــا ذليل) بگڙيل يا خراب ٿيل ٻولي.

ڇهو وڃي ٿو، تہ الوقت سنڌي - زبان کـــي ٻنهنجو جدا رسم الخط بہ هوندو هيو، جنهنکي اردنا ناگري، ملڪاري، سندب يــا سهنڌواڪري سڏيندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وغيره بابت اسلام جا اصول ۽ طريقا سيکاريا ويندا هئا.

هن بزرگ جي هوڙي شروعات کانپوءِ صوبي جي ٻين عالمن، جهڙوڪ: مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، ميين عبداللطيف، مخدوم ضياءُالدين، مخدوم عبدالله، ميين غلام محمد ۽ حاجي ميين عبدالله وغيره پڻ، اسلامي فقه، حديث ۽ تفسير وغيره تي انيڪ روءِ پنهنجا ڪئين ڪتاب تحرير ڪري، سنڌ جي عوام آڏو پيش ڪيا.

ان دؤر ۾ مؤلوي محمد حسن جي سنڌي پڻ مشهور هوندي هئي. هي بزرگ، ڪلهوڙن جي حڪومت ۾، هڪ بلند پايه جو اديب، عالم ۽ مصنف ليکيو ويو آهي. هن صاحب سن ١١٧٧ هه ڌاري، ”قصص الانبياءَ“ نالي هڪ پارسي ڪتاب جو، ”سيربستان“ جي عنوان سان ’الف‘ اشباع واري قافيه: ’آ‘ اندر، سنڌي زبان ۾، منظوم ترجمو پڻ ڪيو هو.

هن ڪتاب ۾، حضرت آدم عليه السلام کانوٺي حضور ڪريم سرور ڪائنات حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم تائين ٿي گذريل نبين، رسولن ۽ پيغمبرن جو بيان ڪيو ويو آهي. هن صاحب پنهنجي هن ڪتاب کي، آخر ۾، هن بند تي پورو ڪيو آهي:-

”تمام ٿيو لکڻ سنڌي، جڙي هي سهڻا
هٿان هن ضعيف جي، فضل سان خدا
پورو ٿيو شعبان ۾، ڪارهن ماهه ٿيا.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجود هئا، جدستائين انگريزن، سرڪاري طرح فيصلو ڪري، عربي رسم الخط ۾ سنڌي لکڻ ۽ ان خط ۾ ئي ڪتابن ڇپائڻ جو فيصلو نه ڪيو هو.

هن وقت اسان وٽ اوائلي سنڌيءَ ۾ لکيل ڪتاب فقط اهي ئي موجود آهن، جهڙوڪ ”سنڌي - عربي“ رسم الخط ۾ لکيا ويا هئا. باقي ناگري يا ٻروٽو ناگريءَ ۾ لکيل سنڌيءَ جي ڪتابن لاءِ ڇيو وڃي ٿو، ته اهي هن وقت لنڊن جي ”برٽش ميوزيم“، ٻئي جي ”لوور - لئبريري“ ۽ پارت جي ”انڊيا - آفيس“ ۾ موجود آهن، جن جو ملڻ ۽ هٿ اچڻ في الحال ته مشڪل ۽ محال ٿيو لڳي. البت ڪن مغربي مستشرقين جهڙوڪي اهڙا پراڻا ۽ قديمي سنڌي ڪتاب ڇپايا آهن، تن جي مهاڳن ۽ ديباچن ۾ انهن لکيو آهي، ته اهي انهن کي سوين سال اڳ جي لکيل قلمي نسخن جي صورت ۾ دستياب ٿيا هئا، جن تان انهن سوڌي ۽ سموهي، هينئر اهي، پنهنجي طريقي ۽ نموني سان ڇپايا آهن، پر ان هوندي به انهن پراڻن ۽ اصلي دستخط مسودن جو ڪوبه نالو - نشان ڏسڻ ۾ نٿو اچي!

ڪلهوڙا حڪمرانن ۾، ”ميان سرفراز شهيد“ هڪ ناميارو حاڪم ٿي گذريو آهي. هن صاحب جي وقت ۾ پڻ سنڌي - زبان خاصو زور ورتو ۽ هي صاحب پاڻ به سنڌيءَ جو هڪ سٺو شاعر هو ۽ الجي ”مدح“

اڄ به سنڌ جا ماڻهو، صدق دل سان پڙهندا رهندا آهن.

سنڌ سونهاريءَ جو ”لاثاني“ ۽ ”لافاني“ شاعر:
حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه ۽ حضرت سچل - سرمست رحه پڻ، هن زرين دؤر جي پيداوار آهن.

ميرن جي صاحبيءَ ۾ پڻ سنڌي-زبان ڪافي ترقي ڪئي ۽ ان عهد ۾ پڻ، سنڌيءَ جا ڪيترا عالم، اديب ۽ شاعر پيدا ٿيا، جن ان کي پنهنجي خدا داد قابليت ۽ صلاحيت سان ڏيئي ۽ مالا مال ڪري ڇڏيو.
جيئو وڃي ٿو، ته ان دؤر ۾، پارسيءَ جي پڙهائڻ لاءِ، پوري ملڪ ۾، اٽڪل پنج سؤ مدرسا موجود هئا، جن ۾ وقت جا بي نظير عالم، تدريس ۽ نڪتن تي ويهي، سنڌ جي هندو ۽ مسلمانن کي، تعليم جي زيور سان آراسته ڪندا رهندا هئا!

سن ١٨٤٢ع ۾، انگريزن جڏهن خيرپور جي ميرن کان زوريءَ، سنڌو نديءَ جي ساحلي ڪپ وارو پاڳو، اپر سنڌ کان وٺندي سڀيءَ تائين، هٿ ڪيو ۽ سال ١٨٤٣ع ۾، حيدرآباد جي ميرن کي ”مياڻي“ ۽ ميرپور خاص جي ميرن کي ”دبي“ (ناريجن) واري لڙائيءَ ۾ شڪست ڏيئي، موجوده خيرپور ضلعي کانسواءِ، باقي سموري سنڌ تي پنهنجو قبضو ڄمائي ورتو، تڏهن ملڪي ۽ سياسي معاملن کي عام رواجي سطح تي آڻڻ کانپوءِ، انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوريائين سنڌ جي ”ڏيهي ٻولي“ ڏاهون توجهہ ڏنو.

انگريزن جي سنڌ ۾ اچڻ کان اڳ جڏهن تہ سنڌ جي دفتري ۽ سرڪاري زبان ”فارسي“ هئي، انگري انهن بہ ڪجهہ وقت لاءِ ان کي، بدستور سابق، برقرار رکيو ۽ ڪن ترجمانن جي ذريعي حڪومت جو ڪاروبار هلائيندا رهيا.

ڪجهہ عرصي کانپوءِ، ”بمبئي سرڪار“ جي تعليم کاتي، سنڌ جي تعليم کاتي کي سڌارڻ ۽ ترقي وٺرائڻ جو سمورو بار هنهنجي سر تي کڻيون ۽ جئن جئن وقت گذرندو رهيو، تئن تئن، ملڪ جي حاڪمن ۽ رعيت جي دلين ۾ هي لازمي احساس پيدا ٿيڻ لڳو، تہ جئن تہ سنڌ جي ماڻهن جي ”مادري-ٻولي“ سنڌي آهي، انگري آفيسن وغيره ۾ ان کي رائج ڪبو، تہ هن صوبي جو ڪاروبار، سوڙهي نموني سان هلائي سگهبو!

سال ١٨٥٠ع ۾، جڏهن سنڌ جو چيف ڪمشنر، ”سر ٻارٽل فريئر“ ★( Sir, Bartle Frere ) مقرر ٿي

---

★ هي صاحب، سن ١٨٦٣ع ۾، بمبئي علائقي جو گورنر ٿي ويو هو ۽ اتان، سرديءَ جي سخت سٽ لڳڻ سبب، انگلنڊ هليو ويو ۽ اتي ٢٩- مي ١٨٨٤ع تي، ومبلڊن ( Wimbledon ) ۾، وفات ڪيائين. هن جي ياد کي قائم رکڻ لاءِ، هلوقت لنڊن جي ”ٽيمس ندي“ جي ڀل تي، هن جو هڪ پتلو کڙو ڪيل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيو، تڏهن ان سال ١٨٥١ع ۾، هڪ گشتي مراسلي ذريعي، سنڌ جي سيني سرڪاري ملازمن لاءِ، هي امر لازمي قرار ڏنو، ته هو سنڌي ـ زبان جو امتحان پاس ڪن.

هينئر هن سرڪاري ـ سرڪيولر جي ڪري، ضروري ٿي پيو ته ١ـ سنڌ ۾ سنڌي اسڪول کان ٢ـ سرڪاري لکپڙهه سنڌيءَ ۾ هلي ۽ ٣ـ تہ پرديسي ڪامورا سنڌيءَ جو امتحان لازمي طور تي پاس ڪن، پر سنڌ ۾ جڏهن ته هن کان اڳ، سنڌي ـ ٻولي لکڻ لاءِ ڪا خاص ۽ هڪ ڪري لپي يا الف ـ ب رواج ۾ آيل ڪانه هئي، انڪري حڪومت جي اڳيان هي هڪ بنيادي سوال پيدا ٿيو، تہ سنڌي ـ لکڻ لاءِ آخر ڪهڙي الف ـ ب ۽ رسم الخط مقرر ڪرڻ ۾ اچي!

ان وقت "سر رچرڊ برٽن" (Sir, Richard Burton) حڪومت جي آڏو رٿ پيش ڪئي، تہ عربي ـ حرفن جي مدد سان، هڪ "عربي سنڌي" الف ـ ب وجود ۾ آڻجي، ان کي ملڪ ۾ عام ڪيو وڃي ۽ ان سان ئي آئينده سنڌي ـ ٻولي لکڻ ۾ اچي! هن صاحب، هن سلسلي ۾، حڪومت جي آڏو اهي وزندار ۽ عالمانه دليل پيش ڪيا هئا، جن کي ڪوبہ ماڻهو يا عالم رد ـ قد ڏيئي نہ ٿي سگهيو!

هن جي مقابلي ۾، انوقت جو حيدرآباد جو انگريز ٻهڪي ڪليڪٽر: "ڪئپٽن جارج اسٽئڪ"

ٻراڪرت اپڀرنش يا اپڀرمسا آهي ۽ انهن ٻنهي ويجهين ۽ رشتيدار ٻولين: گجراتي ۽ پنجابي آهن، جي هن وقت به ديو - ناگري لپيءَ ۾ لکيون وڃن ٿيون، انڪري سنڌي - ٻوليءَ جي آئيوينا ٻڻ ديو - ناگريءَ ۾ هئڻ گهرجي!

هيڏانهن مسلمان ميمبرن وري سرڪار کي رٽ ڏني، ته سنڌي - زبان جي لکڻ لاءِ "عربي - سنڌي" "الف - ب" مقرر ڪرڻ ۾ اچي، ڇو ته:

١- ڪيتري وقت کان سنڌي - ٻولي "عربي-سنڌي" صورتخطيءَ ۾ لکي وڃي ٿي،

٢- سنڌي ٻوليءَ ۾، ملڪ تي مسلمان حڪمرانن جي حڪومتن سبب، عربي ۽ فارسي زبانن جا تمام گهڻا لفظ گڏجي ويا آهن، جنکي هاڻي ان کان ڪنهن به صورت ۾ جدا ڪري نٿو سگهجي ۽

٣- ته اڳ کان اٽڪل اڍائي - ٽي سؤ سالن کان، مسلمان عالمن جي ڪوششن سان، سنڌي - ڪتابن جو جيڪو هڪ وڏو ذخيرو سنڌ ۾ گڏ ٿي چڪو آهي، تنهنکي ٻڻ ڪنهن به حالت ۾ نظر انداز ڪري نٿو سگهجي.

ازانسوءِ سنڌ - صوبي ۾ مسلمانن جي گهڻائي آهي، انڪري هن خطي ۾، "عربي رسم الخط" رائج ڪرڻ ئي، انصاف واري ڳالهه آهي. ازانسواءِ مسلمانن جا با مقصد ۽ بامعني نالا، جيڪڏهن ديوناگري لپيءَ ۾ لکيا ويندا، ته اهي بي مقصد ۽ بي معني ٿي ويندا ۽ انهن جو صحيح

اصلوکي صورت ڇڏي ۽ وڃائي، هڪ نئين ۽ عجيب شڪل اختيار ڪري چڪا هئا ۽ انهن جو، ان ٻوليءَ ۾، بالترتيب، ٽيهه ۽ ويهه سيڪڙو انداز مس لــــي ڏسڻ ۾ آيـــو!

انوقت اها بينگالي - زبان عربــي رسم‌الخط ۾ لکڻ ۾ ايندي هئي ۽ انجي اها صورت ۽ حيثيت، سن ١٧٨٣ع تائين قائم رهي ۽ ان رسم‌الخط ۾ ئي، ان صوبي جـــي شهرن ۽ ٻهراڙين جا ماڻهو، تعليم حاصل ڪندا رهندا هئا.

هن وقت بينگالي زبان جنهن رسم‌الخط ۾ لکڻ ۾ اچي ٿي، تنهنجو ٻهرين ڪتاب، سن ١٧٧٨ع ۾، هڪ انگريز مصنف: "مسٽر ڊينيل براسي هال هڊ" لکيو هو، جو "بينگالي - گرامر" جـي خيال سان تحرير ڪرڻ ۾ آيو هو. اهو ڪتاب لکيل ته انگريزيءَ ۾ هو، پر انجا مثال موجوده بينگالي رسم‌الخط ۾ ڏيڻ ۾ آيا هئا.

انهـيءَ انگريز مصنف، پنهنجي بنيادي ۽ فطرتـــي چالاڪيءَ کان ڪم وٺندي، مذڪور ڪتاب جي مهاڳـ ۾، بينگالي ٻوليءَ ۾، عربي ۽ پارسيءَ جـي گهڻن لفظن جي گڏجي وڃڻ تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي، لکيـو هو تــہ:-

"خالص بينگالي زبان جـــو گرامر، جيڪو عربي - پارسي رسم‌الخط ۾ لکيو ويو آهي، سوهن ٻوليءَ جو صحيح ڍاڪو پيش ڪري نٿو سگهي ۽ جو هنوقت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بينگال ۾ رائج ليل ڏسڻ ۾ اچي ٿو!"

مسٽر هال هڪ، پنهنجي گرامر ۾ ڏنل مثالن ۾ جيڪو رسم الخط ڏنو ۽ استعمال ڪيو هو، سو بينگال جي عوام لاءِ بلڪل نئون هو ۽ اهو خود انگريزن جو ايجاد ڪيل هو!

ان نئين رسم الخط ۾ ٻيو ڪتاب: "مسٽر فارسٽر" لکيو، جا بينگالي زبان جي ڊڪشنري هئي! هن ڪتاب ۾، هاڻ به قدم اڳتي وڌي، عربي ۽ پارسيءَ جي لفظن جي اکٽريت کي، سري کان نظر انداز ڪري، انهي بجاءِ، بينگالي-زبان جا سنسڪرتي الفاظ جيڪي پنهنجي اصلوڪي صورت وڃائي ۽ گم ڪري چڪا هئا، بنيادي شڪل ۽ اصلوڪي هيئي ۾ آڻي، هن ڊڪشنريءَ ۾ شامل ڪيا ويا هئا.

هن ڪانپوءِ، انگريزن جي ان نئين ايجاد ڪيل زبان ۽ رسم الخط کي، عام ڪرڻ لاءِ، انگريز - سرڪار طرفان، ڪيترا قاعدا - قانون ٺهرائي مرتب ڪرڻ ۾ آيا!

سال ١٨٠٠ع ۾، جڏهن ڪلڪتي ۾، "فورٽ وليم ڪاليج" قائم ٿيو، تڏهن سنسڪرت ۽ بينگالي زبانن جي هڪ انگريز پروفيسر: "مسٽر وليم ڪيري"، هن نئين ايجاد ڪيل بينگالي زبان ۾ "درسي ڪتاب" لکڻ شروع ڪيا، جن ۾ ان، خاص طور تي، سنسڪرت جي لفظن کي، وڏي ٿماني تي، جاءِ ڏني ۽ انهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برعڪس هُن، عربي ۽ ﭘارسيءَ جي اٽڪل ٨٠ سيڪڙو لفظن کي، ﭘنهنجي تحرير ڪيل ڪتابن کان ٻاهر رکيو! انهن ۾ ”اصطلاح“ وغيره بہ سنسڪرت جا ڪتب آندا ويا هئا.

اهڙيءَ طرح - انگريزن جي حرفت ۽ شرارت سان - بينگال ۾ هڪ نئين ٻوليءَ جو بنياد پيو ۽ انکي ترقي وٺائڻ لاءِ، انگريزن سان گڏ، سنسڪرت جا ڪيترا هندو عالم-فاضل ﭘڻ شامل رهيا، جن مان ”ﭘنڊت رام باسو“ جو نالو سرفهرست آهي.

سن ١٨١٦ع ۾، ڪلڪتي مان، ان نئين زبان ۾ هڪ عدد اخبار ﭘڻ شايع ڪرڻ ۾ آئي ۽ ان زبان کي مزيد زور وٺائڻ ۽ عوام ۾ مقبول بنائڻ لاءِ، ڪلڪتي ۾ ”هندو - وديا ليہ“ جي نالي سان هڪ درسگاهہ ﭘڻ قائم ڪيو ويو!

سال ١٨٣٠ع ۾، ڪلڪتي ۾ هڪ انگريزي اسڪول ۽ هڪ ڪاليج، قائم ڪرڻ ۾ آيا، جن ۾ جديد بينگالي زبان کي لازمي - مضمون قرار ڏنو ويو، جيتوڻيڪ ان وقت تائين انهيءَ زبان ۾، آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ڪتاب مس تحرير ڪرڻ ۾ آيا هئا!

سن ١٨٣٩ع ۾، بينگال جي هندن طرفان، هندستان جي گورنر جنرل : ”لارڊ آڪلنڊ“ (١٨٣٦-٤١ع) کي هڪ درخواست ﭘيش ڪرڻ ۾ آئي، جنهن ۾ ڪانٽس هيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مطالبو ڪيو ويو هو، تہ هوڙا نوان اسڪول، صوبي جي
ڀين هنڌن تي بہ قائم ڪيا وڃن ۽ انهن ۾ فقط سنسڪرت
جي تعليم ڏيڻ ۾ اچي!

هندن جي هن درخواست تي تبصرہ ڪندي، "ايشياٽڪ جرنل" (ماھہ مئي کان آگسٽ ١٨٣٩ع تائين واري اشاعت ۾) چاڙايو هو تہ:-

"هن مان خبر پوي ٿي، تہ عوام کي صوبي
۾ هڪ عام زبان ۽ رسم الخط جي ضرورت
جو احساس پيدا ٿي چڪو آهي!"

هي گويا، سرڪاري طور تي، هن حقيقت جو اعتراف هو، تہ سن ١٨٣٩ع تائين، نہ تہ جديد بينگالي، ملڪ ۾ هڪ زبان جي حيثيت سان رائج ٿيل هئي ۽ نہ وري انجو ڪو رسم الخط، ملڪ جو ڪو "واحد رسم الخط" هو.

هندن جي هن قسم جي درخواست تي، افغانستان سان جنگين (١٨٣٩-٤٠) ۾ مصروف هجڻ سبب، انگريزن طرفان، گورنر جنرل: "لارڊ - هارڊنج" (١٨٤٤-٤٨ع) جي ڏينهن ۾، يعني سال ١٨٤٤ع کان عمل ڪرڻ ۾ آيو ۽ اهڙيءَ طرح بينگال جي هر حصي ۾، اهڙا اسڪول، سرڪاري توڙي خانگي طور تي، وڏي انداز ۾ کولڻ ۾ آيا ۽ ٿوري وقت اندر چرڻ تہ انهن جو سڄي صوبي اندر، هڪ چار پکڙجي چڪو هو ۽ انهن جا انسپيڪٽنگ آفيسر ۽ استاد بہ هندو مقرر ڪرڻ ۾ آيا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن وقت گويا انگريزن، ڪلڪتي جي پنڊتن جي مدد سان، بينگال جي هندن کي، هڪ لٺين رسني تي آڻي بيهاريو هو! هاڻي انهن، ظاهر ظهور، صوبي جي مسلمانن کي، پنهنجي ماضيءَ کان الڳ ڪرڻ ۽ انهن کي پنهنجي پراڻي تهذيب ۽ ثقافت جي رنگ ۾ رڱڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڏني! جڳهه جڳهه تي، عربي-پارسي رسم الخط ۾ بينگالي ٻولي پڙهائڻ ۽ سيکارڻ وارن مسلم مدرسن جي جاءِ تي جديد بينگالي ٻولي سيکارڻ وارا اسڪول کوليا ويا! بينگال ۽ بهار صوبن جي انگريز ليفٽيننٽ گورنر؛ "جارج ڪيمبل" ته مسلمانن جي اهڙن مدرسن جو سخت مخالف هو ۽ ان سلسلي ۾ هن هڪ حڪم جاري ڪيو، ته پکوناڻين پاٺشالائن ۾ فقط هندي ۽ سنسڪرت جي تعليم ڏني وڃي ۽ هنکانپوءِ مسلمانن جي قائم ڪيل مدرسن مان صرف انهن مدرسن کي سرڪاري امداد (گرانٽ) ڏيڻ ۾ ايندي، جيڪي پنهنجي شاگردن کي جديد رسم الخط ۾ بينگالي پڙهائڻ جو انتظام ڪندا!

هڪ طرف - انگريزن ۽ هندن جو - هي طريقو ۽ عمل جاري هو، ته ٻئي طرف وري مسلمانن کي، سندن تعليمي نظام کان پوريءَ طرح پري رکڻ لاءِ، انهن جا "اوقاف" ضبط ڪرڻ ۾ آيا! اهڙيءَ طرح سال ١٨٣٨ع تائين، پوري بينگال صوبي ۾، عربي - پارسي زبان کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا سرڪاري-زبان، جي حيثيت حاصل ڪئي، انهونکان پڻ انکي محروم ڪيو ويو ۽ انجي جاء تي انگريزي زبان کي رائج ڪرڻ ۾ آيو!

سن ١٨٧٣ع ۾، بينگال جي اسڪولن مان ”اردو“ کي پڻ موڪل ڏني ويئي!

مسٽر ڊبليو - ڊبليو - هنٽر، پنهنجي تصنيف (١٨٧١ع) : ”دي انڊين مسلمز“ ۾ لکيو آهي ته:-

”هندن کي سرڪاري نوڪرين ۽ عام ملازمتن ۾، تقريباً اجاره داري يا ٺيڪيداري حاصل ٿيل هئي۔ مسلمانن جي حالت - ملڪ جي هر شعبئہ زندگيء ۾ - ناگفتہ بہ منزل تي پهتل ڏسڻ ۾ ٿي آئي! انهن جي آمدنيء جا اندازاً سيئي ذريعا ختم ٿي چڪا هئا ۽ هو هندن جي قرض هيٺان، بريء طرح دٻيل ڏسڻ ۾ ٿي آيا۔ وڏن وڏن هندن جي زميندارين ۾ انهن جون مسجديون تباهہ ۽ ويران ٿي چڪيون هيون! اسڪولن ۾ ”ذريعہ تعليم“ بہ هندو زبان (جديد بينگالي) ۾ رائج ٿيل هئي ۽ ان جي رستي، ملڪ جي مسلمانن کي، انهن جي مذهب ۽ تهذيب کان دور رکڻ ۾ ٿي آيو! انهن تي هڪ اهڙي زبان ۽ هڪ اهڙو رسم الخط زور سان مسلط ڪرڻ ۾ آيو هو، جيڪو انهن جي لاء ڌاريو ۽ بلڪل اجنبي هو۔

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. ان جو آخر اهو نتيجو نڪتو جو هو هر
ميدان ۾ بـاڪل ٺٽـي رهجـي ويـا."*

ڊسمبر ١٩١١ع ۾، "دهلي دربار" جي موقعي تي، "بنگال جي ورهاڱي" تان بہ انگريز هن ڪري ڦري ويا هئا، جو ان سبب، بنگال جي مسلمانن جي هڪ تمام وڏي اڪثريت کي، هندستان جي تعصبي ۽ تنگدل هندن جي تهذيبي، سياسي ۽ اقتصادي استحصال ۽ غلبي کان آزادي حاصل ٿيڻ واري هئي!

هن نموني، بنگال جي هندن، اتهجي مسلمانن کي، فقط سرڪاري نوڪرين، تجارت، زراعت ۽ صنعت وغيره جي ميدانن مان تڙي ڪيڻ تي اڪتفا نہ ڪئي ۽ سموري صوبي تي صرف پنهنجو ئي اقتصادي ۽ معاشرتي نظام مسلط نہ ڪيو، پر پنهنجي پراڻي ۽ فرسوده تهذيب ۽ ثقافت کي بہ پوري صوبي مٿان زوريءَ مڙهڻ لاءِ، هڪ زبردست مهم ۽ جدوجهد بہ شروع ڪري ڏني ۽ ان باري ۾ انهن کي انگريزن جو پورو پورو ساٿ ۽ تعاون حاصل رهيو! (نوٽ: سن ١٩٧١ع جي آخر واري "مشرقي-پاڪستان" جي "المناڪ الميہ" کي بہ، هندن ۽ انگريزن جي هن مشترڪہ ۽ ديرينہ سازش

---

* ماهنامہ: "اردو ڊائجيسٽ"، ماهہ اپريل ١٩٧٠ع صفحہ ١٩- کان ٣٢- تائين، مضمون: "جب بنگال کے مسلمانوں نے آزادی کی جنگ لڑی"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين، سنڌيءَ ۾ تاريخ، جاگرافي ۽ رياضي وغيره جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا، عوام جي آڏو آيا ۽ الڪانچوءَ، ڏهن سالن جي هڪ مختصر عرصي اندر، صوبي ۾ ٤- هاءِ اسڪول، ٣- مڊل اسڪول ۽ ٥٤- ابتدائي اسڪول پڻ کلي ويا.

ٿوري وقت انــدر، ملــڪ ۾ ”سنگـي - ڇاپـن“ (Litho Presses) جي جاءِ تي لوهي - ڇاپـون (Printing- Presses) اچي نڪتيون، جنجي ذريعي، هڪ قليل مدت اندر، ڪئين درسي ۽ ٻين قسمن جا سنڌي ڪتاب ڇپجي، علائقي جـي بازارين ۾ اچي ٻوتا ۽ ان بعد هن سڀاجوڙي ۽ سپڪ ٻوليءَ کي، صوبي ۾، سرڪاري ۽ دفتري ٻولي بڻجڻ جو شرف حاصل ٿيو! سال ١٩٢٣ع ۾، هـن زبان کي، ڪاليج جـي بي - اي ڪلاس تائين ”لازمـي - مضمون“ جـو درجو ڏيڻ ۾ آيو ۽ ڏسندي ڏسندي، صوبي جي سيني آفيسن، ڪورٽن ۽ دفترن اندر سنڌي - زبان ۾ ڪم ڪار ۽ ڪاروبار ٿيڻ لڳـو. ڪورٽن جـون سمنون، وارنٽ ۽ نوٽيس، سنڌي زبان ۾ ڇپجي، عــام ماڻهن وٽ پهچڻ لڳا. ريلوي جي اسٽيشنن ۽ ٽڪيٽن تي نالا سنڌيءَ ۾ لکيا ويا ۽ اهڙيءَ طرح پوسٽ آفيسن ۾ پڻ مني - آرڊر فارم ۽ موٽ رسيدون، سنڌي - زبان ۾ ڇپيل، حاصل ٿيڻ لڳيون.

انگريز سرڪار ٻاران ههڙن عملي قدمن کڻڻ ڪري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندڙ، عمرتمند ۽ سنڌ جي چوڪي مٽيءَ وانگر نرم ۽ نازڪ دل وارو، رحمدل ۽ دين اسلام جو سچو عاشق، الله جي توحيد ۽ رسول اڪرم صلعم جي رسالت ۾ ايمان رکندڙ، اڳين وارو ۽ در آئي کي آدر ڏيندڙ، سام پوندڙ لي سر قربان ڪندڙ ۽ ظالم ۽ بي نفس ڪي، سنڌس ڪيفر ڪردار تائين رسائيندڙ، ٻڙاون کي پنهنجو ڪري چاهيندڙ ۽ زور آورن آڏو حق جو ڪلمو چوندڙ، ڪس کائيندڙ ۽ سرنديءَ تان ٽري ويندڙ، پين جون مدايون در گذر ڪندڙ ۽ پنهنجن قصورن تي نادم ۽ شرمسار ٿيندڙ، ٻلٽي کي رستو ڏيکاريندڙ ۽ منجهيٽي جي واٽ ڪندڙ سادو کائيندڙ ۽ سادو هنڍائيندڙ، ڳالهين جو ڳهير ۽ مجلس جو مور، آئيءَ ويل ڪم ايندڙ ۽ مظلوم جو سنڌ ورنائيندڙ ۽ ڪچهرين جو ڪوڏيو عوام، ڪڏهن به پنهنجن اهڙن محسنن کي وساري ۽ فراموش ڪري نٿو سگهي!

هن ڪانپوءِ، اسين اهڙن مغربي عالمن ۽ فاضلن جو مفصل احوال ۽ سنڌي زبان جي باري ۾ سرانجام ڏنل ڪوششن جو ذڪر خير ڪنداسين، جنهن جي بدولت، اسان جي زبان، خاص طور تي اوڻيهين صدي عيسويءَ جي ٻوئين اڌ حصي ۾، ڇڱو خاصو زور ورتو ۽ دنيا جي ٻين قومن جي اڳيان پنهنجي حيثيت ۽ انفراديت ۽ ماهيت ۽ افاديت جو ڏاڪو ڄمايو.

# سـر ايـلس بـروز

هن صاحب جو اصل نالو: "بي - ايچ - ايلس" (B. H. Ellis) هو، جو پوءِ "سر ايلس بروز" (Sir, Ellis Broughs) جي نالي سان مشهور ٿيو.

هي صاحب اصل سول سروس (I. C. S) جو ماڻهو هو ۽ شروعات ۾ سنڌ جي چيف ڪمشنر: "سر بارٽل فريئر" جو اسسٽنٽ يا معاون مقرر ٿيو.

سنڌ جي موجوده "عربي - سنڌي" "الف - ب" کي وجود ۾ آڻڻ جي سلسلي ۾، هن صاحب جيڪي ڪوششون ورتيون هيون ۽ جنهن نموني ۾ هن صاحب، سر بارٽل فريئر طرفان مقرر ڪيل ڪاميٽيءَ جي مسلم ميمبرن سان ساٿ ڏيئي ۽ انهن سان متفق راءِ ٿي، انهن جي تقاضا کي وزندار بڻايو هو، تنهن جو مفصل احوال، شروع واري باب ۾ ڏنو ويو آهي ۽ ان لحاظ سان اسين، هن صاحب کي موجوده سنڌيءَ جو صحيح معنيٰ ۾ موجد ۽ محسن سمجهون ٿا ۽ ان باري ۾ ٻي راءِ جو اظهار ٿي نٿو سگهي!

هن صاحب جو ٻيو ڪارنامو، 'ڪئپٽن جارج اسٽئڪ' جي سنڌي - انگريزي گرامر ڇپائڻ وارو آهي، جو صاحب، انهي ڇاپي هيٺ، اچڻ کان اڳ ئي فوت ٿي ويو هو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان گرامر جو "ٻِهِش لفظ" ٻــ هـن صاحب لکيو هو، جنهن ۾ هن، ان گرامر جـي ڇپائي پُوري ڪرڻ جـي، پوري ٻـوري وضاحت ڪئـي هئـي ۽ جنهنجو ذڪر، هنڪانپوءِ "چـارج اسٽئڪ" جـي بيان ۾، مفصل طرح، پيش ڪيو ويو آهي.

هن صاحب، سن ١٨٥٤ع ۾، "ايسپ جون آکاڻيون" پڻ انگريزي ٻوليءَ تـــان تـرجمو ڪري، سنڌي ـ زبان ۾ ڇپايون هـيون ۽ اهـو ڪتـاب ساڍا ٧ـ ۽ ساڍا ٥ـ انچن جي سائيز ۾، ڪراچيءَ جي "ارد ـ شير پارسي" جي ليٿو ـ پريس مان ڇپائي پُورو ڪيو ويو هـو. چيو وڃي ٿو، ته هن ڪتاب جي ترجمي ڪرڻ ۾، ايلس جي قاضي غلام حسين مدد ڪئي هئي.

هي ڪتاب ڪل ١٨٨ـ صفحن تـي مُڪمل آهي ۽ ان ۾ جملي ٢٠٣ـ مزيدار ۽ نصيحت آميز آکاڻيون ذئل آهن. هـي ڪتاب پراڻي ۽ اوائلي طرز واري سنڌيءَ ۾ لکيل آهي.

هن ڪتاب جي "مُنڍ" ۾ ڄاڻايو ويو آهي تـہ :ـ

"هي آکاڻيون پُرڻائين "ايسپ" نالي جوڙيون هيون. انجي مـوت کي ٻـہ هزار چارسؤ ورهيہ گذريا آهن. سندس جـم روم جي علائقي ۾ ٿيو هو ۽ پـاڻ "ٻاڍهو" هـو، پـر نيت سڳوراڻـي ۽ سياڻپائي ۽ ذاهـپ ڪان آهو ليو.

مسٽر بي- ايچ- ايلس جي ڇپايل

ڪتاب "ايسپ جون آکاڻيون"

جو ٻاويهون صفحو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سر رچرڊ برٽن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڪاڻين جي مثلن ڳاهڻ ۾ اهڙو پڙ هو جو اڳين
۽ پوين ۾ ان جهڙو ڪو نہ ٿيو ۽ لکي (جيڪي
ڳالهيون هن ڪتاب ۾ آهن، سي هن جون
سيئي لکيون آهن، پر انجي مرڻ کانپوء، ٻين
ماڻهن کي ڳاهيون آهن، سي پڻ انهن مان
ڪيتريون تنهنجي نالي تي پڌريون (ٿيون) آهن
۽ سندس آکاڻيون گهڻو ڪري ترجمو مڙني
ٻولين ۾ آهي، پر اجا توڻي سنڌيءَ ۾ نہ
ٿيو هو ۽ تنهنجي موچارائي اهڙي آهي،
جنهنجي پڙهڻ سان لوڪن کي سواد اچي ٿو."
هي ڪتاب پوء سنڌي - ادبي بورڊ حيدرآباد؛
طرفان ڇپايو ويو آهي ۔

مطلب تہ "ايلس صاحب" جون سنڌي زبان جي
باري ۾ ورتل ڪوششون، اسانجي سمڪ ۽ سوادي
سنڌي - زبان لاء "سنگ ميل" جي حيثيت رکن ٿيون۔
هي سنڌ جو پهريون وڏو انگريز عملدار هو، جنهن
سنڌي - ٻوليءَ جي سلسلي ۾، سنڌ جي مسلمانن جو
ساٿ ڏنو هو، جنهن سبب آخر سنڌي - زبان جي لکڻ
لاء، "عربي - سنڌي" الف - ب جو بنياد پيو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سر رچرڊ فرئنسز برٽن

سر رچرڊ فرئنسز بـرٽن (Sir, Richard Francis - Burton)، ١٨- مارچ، سن ١٨٢١ع ۾، انگلنڊ جي هڪ شهر ”هرٽفرڊ شائر“ ۾ ڄيدا ٿيو هو. هن جو پيءُ هڪ رٽائر فوجي آفيسر هو. ڏيهي تعليم انگلنڊ ۽ فرانس ۾ حاصل ڪيائين. والدين کي ڪل اولاد ٻـه پٽ ۽ هڪ ڌيءُ هئا، جـي آزاد قسم جي ماحول سبب ڄيـا آزاد گهمندا ڦرندا ۽ آواره گردي ڪندا رهندا هئا! رچرڊ برٽن، ٿـوري وقت لاءِ، تعليم حاصل ڪرڻ جـي خيال سـان، آڪسفورڊ - يونيورسٽيءَ ۾ ٻه داخلا ورتي هئي، پر اتان، سندس لا ابـالي هلت ۽ خراب افعالـن سبب، جـلد نيڪالي مليس!

سن ١٨٥١ع ۾، فرانس جــي شهر: ”بـولان“ ۾، رستي ويندي، ”آئسابيل“ (Isabel) نالي هڪ حسين عورت سان دل ٿي ويس ۽ آخر ڏهن ورهين جي وڏي ڪوشش ۽ جدوجهد کانپوءِ، سـن ١٨٦١ع ۾، ان سـان شادي ڪيائين!

سن ١٨٤٢ع ۾، جڏهن هـي اڃا ٢١- ورهين جو ڪچيرو جوان مس هو، تڏهن ڪجهه پائونڊن جـي رشوت ڏيڻ سان، ”ايسٽ انڊيا ڪمپني“ جـي ڏيهي پيادل فـوج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( Bombay Native Infantry ) ۾ نوڪريءَ جو انتظام ڪري ورتائين. انوقت انگريزن جي افغانستان سان لڙائي هلندڙ هئي. هوڙي وقت ۾ هندستان جي فوجي ضرورت کي پوري ڪرڻ لاءِ هن ڪــي انگلنڊ ۾ ڀرتي ڪري، بمبئيءَ ڏانهن موڪليو ويو، ۽ هي جيستائين اتي پهچي أي پهچي، تنهنکان اڳ افغانستان واري لڙائي ختم ٿي چڪي هئي، جنهنڪري هي بمبئيءَ ۾ ئي رهجي پيو ۽ اتــي مختلف مشرقي ٻولين ۽ مذهبن جـو، نهايت تفصيل ۽ گهريــن نظرن ســان ابياس ڪرڻ شــروع ڪــري ڏنائين.

ان وچـ۾ هــن هڪ ١٨- نمبر فوجي ريجمينٽ اندر ڪئپٽن جــو عهدو حاصل ڪري ورتو ۽ هيڏانهن ١٧- فبروري - سن ١٨٤٣ع تــي، ” سر چارلس نيپئر “ مير - صاحبن کــان، سنڌ فتح ڪري ورتي، جنهنجي وڌيڪ امداد لاءِ، انهيءَ ١٨- ريجمينٽ کـــي، بمبئيءَ کـــان ڪراچيءَ ڏانهن رواني ٿيڻ جو حڪم ڏيڻ ۾ آيو.

سن ١٨٤٤ع جي شروعات ۾، ”رچرڊ برٽن“، پنهنجي ريجمينٽ سوڌو، بمبئيءَ مان ” سيميرامز “ (Semi - ramis ) نالــي هڪ ساموندي جهاز ۾ سوار ٿــي، اچي ڪراچيءَ جي بندرگاه تــي لٿو. انوقت ڪراچيءَ ۾ انگريزن جـــو ڏيهــي ۽ ٻــــر ڏيهي، اٽڪل ٥- هــزار لشڪر موجود هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪراچيءَ جي آب - هوا نه وڻڻ سبب، ڪجهه وقت
ڪالپوءِ، رچرڊ برٽن کي، هن جي ريجمينٽ سميت،
گهاري طرف منتقل ڪيو ويو.

حڪومت جي واڳن هٿ ڪرڻ کان هڪدم پوءِ،
انگريزن، سنڌ ۾، ”ڪئپٽن والٽر اسڪاٽ“ - (Cap:
Walter Scott ) نالي هڪ انگريز آفيسر جي زير نگراني،
زمينن وغيره جي ڪچهڻ، ماپڻ ۽ انهن جي پڪيڙ وغيره
جي معلوم ڪرڻ جو ڪم شروع ڪري ڏنو، جنهن
ڪم ۾ مدد ڏيڻ لاءِ، رچرڊ برٽن کي پڻ مذڪور عملدار
جو معاون ۽ مدد گار مقرر ڪرڻ ۾ آيو. ماهه نومبر
١٨٤٥ع کان هن عهدي تي رهندي، هن صاحب پئمائش
وغيره جي سلسلي ۾ ڪافي مهارت حاصل ڪري ورتي
۽ هيڏانهن هوڏانهن گهمڻ ڦرڻ ۽ مختلف هنڌن تي
وڃڻ دوران، هن بازن ۽ شڪرن پالڻ ۽ انهن سان
شڪار ڪرڻ جو شوق ۽ هنر پڻ پرايو. وچ سنڌ جي
”گوني“ ۽ پيسن واهن جون هن ئي ماپون ڪيون
هيون ۽ انهن جا نقشا پڻ تيار ڪيا هئا ئين.

هن ۾ شروعات کانوئي، جئن ته جنسي خواهشن ۽
جذبن جو لاڙو پين ڳالهين کان جان تان وڌيڪ هو،
انڪري ڪراچيءَ جي رهائش واري عرصي ۾، هي
اڪثر اهڙين ڳالهين جي طرف وڌيڪ ڌيان ڏيندو ۽
انهن جي رازن هٿ ڪرڻ لاءِ نوان نوان رستا ۽ ذريعا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪھڙي قسم ۽ ڪھڙي نوعيت جي رپورٽ ھئي، تنھن متعلق تفصيل سان اڃا ڪجھہ بہ معلوم ٿي نہ سگھيو آھي، ڇو تہ ڪيترن ڪوشش جي باوجود ان رپورٽ جو نالو نشان ملي نٿو سگھي! سن ١٨٤٦ع ۾، ھن ڪي ھڪ وبا اچي ورتو، جنھن سبب، ٢- سال موڪل وٺي، وچي ھندستان جي پھاڙي علائقن ۾ رھيو.

ڪجھہ وقت بعد، رچرڊ برٽن 'مرزا عبدالله ابو شائري' سڏائڻ شروع ڪيو ۽ روزانہ رات جو، عربي ۽ ايراني ويس پڪي، "مرزا محمد حسين شيرازي" نالي ھڪ ديسي دوست سان، ڪراچيءَ جا محلا ۽ گوٺيون گھمندو وتندو ھو.

سن ١٨٥٣ع ۾ ھن، پنجن سالن جي سخت ڪشالن ۽ اھم تيارين ڪانپوءِ، افغان ڊڪيم؛ "حاجي عبدالله" جي فرضي نالي سان، حرمين شريفين جي ٺڳ زيارت ڪئي! ھو عربي زبان جو وڏو ڄاڻو ھو ۽ عربي نھايت سھڻي ۽ فصيح نموني سان ڳالھائي سگھندو ھو! ڇون تہ، تہ ھو ظاھري طور تي مسلمان نہ ھو، پر اسلام سان دلي عقيدت سا ضرور ھوندي ھيس. حرمين شريفين جي زيارت ڪانپوءِ، ھن "حجر اسود" ۽ حج جي ارڪان ۽ رسومات تي، اميريڪا ۽ انگلنڊ جي ڪن اخبارن ۾، سير حاصل مضمون لکيا، جنھن تي سڄي اسلامي دنيا ۾ ھراس ڦھلجي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سن ۱۸۵۴ع ۾ هو، افريڪا جي هڪ ملڪ : ’سوماليہ‘ جي گادي ”هرار“ جي مهم تي روانہ ٿيو، جنهن ۾ پڻ ڪاميابي حاصل ڪيائين.

۱۸۵۷ع ۾، ”مسٽر اسپڪ“ سان گڏجي، مصر جي مشهور : ”نيل“ نديءَ جي لڪڻ جو هنڌ، يعني ڪامرون علائقي ۾ ” ٽانگا نيڪا “ نالي هڪ ڍنڍ وچ ڳولهي لڌائين! ان نموني هن ٻيون بہ ڪيتريون خطرناڪ مهمون سر ڪيون ۽ ڪجهہ وقت، انگريز سرڪار طرفان، شام ۽ ٻين ملڪن ۾، سفير بہ ٿي رهيو ۽ شاندار خدمات جي عيوض ڪيس برطانيہ سرڪار پاران ”سر“ (Knight) جو خطاب ڏيڻ ۾ آيو.

۲۰- آڪٽوبر، سن ۱۸۹۰ع تي، هن ”هرفن مولا“ قسم جي جانباز ۽ بيباڪ شخص، ۷۰- ورهين جي وڏي وڏي ڄمار ۾، انگلنڊ ۾، وفات ڪئي ۽ کيس انگلنڊ جي هڪ مشهور شهر : ”سري“ جي ”مارٽيلڪ“ نالي هڪ قبرستان ۾، تنبوءَ جي صورت ۾ ٺهيل، هڪ سنگمرمر جي مقبري ۾، دفن ڪرڻ ۾ آيو.

چيو وڃي ٿو، تہ هنجي مري وڃڻ ڪانپوءِ، هنجي گهر واريءَ، پاڻ کي پورا ۱۷- ڏينهن، پنهنجي مڙس جي ڪمري ۾ بند رکي، انجا لکيل اڪثر ڪتاب ۽ ڪاغذ پاهہ ۾ ساڙي ناس ڪري ڇڏيا هئا، جنهن سبب، دنيا جا ماڻهو هن محنتي ۽ مهم جو شخص جي انجام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنل ڪيترن ڪارنامن کان ڦير واقف رهجي ويا ۽ ان
طرح دنيا جي ادب کي بہ وڏو نقصان رسيو! ٿي سگهي
ٿو، تہ انهن ناس ڪيل دستاويزن اندر اساڻجي سنڌ
متعلق بہ ڪو وڏيڪ احوال درج ٿيل هجي! چيو وڃي
ٿو، تہ هنجي بيگم، هنجي حياتيءَ تي، هڪ هزار
صفحن تي پکڙيل هڪ ڪتاب - ( The Life of Sir
Richard ) جي نالي سان لکيو هو، جو تازو ٻن جلدن
۾ ڇپيو آهي.

رچرڊ برٽن جا جيڪي ڪتاب هٿ اچي چڪا آهن،
تن مان هيٺيان چار، سنڌ متعلق لکيل آهن:-
۱- سنڌ، يا ڏکوندي ماٿري - (Scind, or, the un-
happy Valley. (۱۸۵۱ع)، ۲- سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ
۾ رهندڙ قومون - (Scind, and the races that in-
habit in the valley of the Indus. (۱۸۵۱)، ۳-
سنڌو ماٿريءَ ۾ شڪري بازي - (Falconary in the
valley of the Indus. سال (۱۸۵۶ع) ۾ ۽ ۴- سنڌ
جي ٻيو دفعو زيارت (Scind, revisited) (سال ۱۸۸۷ع).

هن الف-ليلي، حضرت سعدي رحہ جي گلستان ۽
هندن جي جنسياتي ڪتاب: "ڪاما سوترا" - (Kama-
Sutra. جو پڻ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو. ڪاما-سوترا
جي معني آهي: "ڪام-شاستر"، يعني جسماني
۽ شهواني خواهشن تي لکيل ڪتاب. سوتر لفظ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندو راجائن ۽ مسلمان بهادرن بابت آهن، جن
مٿن سوڀ حاصل ڪري، سنڌ فتح ڪئي هئي.
اهڙا افسانا گهڻيئي لکيل آهن، جي اڃا تائين ڪان
وڌيڪ پڙهيل ۽ لنگهن کي زباني طور ياد آهن ۽
هيٺين طبقي جي ماڻهن ۾ خاص اهميت رکن ٿا."
سنڌي ادب جي باري ۾ هو صاحب، ساڳئي ڪتاب
۾ لکي ٿو ته:-

"سنڌي - ساهت بابت هيترو چوڻ ڪافي ۽
وافي آهي، ته جڏهن انگريزن هندستان ۾ اچي پاتو،
تڏهن ڪنهن به "ڏيهي ٻوليءَ" ۾ ايترو علم-ادب
موجود ڪو نه هو، جيترو سنڌيءَ ۾ موجود
هو، پر ان جي شاهوڪاري عربي ترجمن ۽ مذهبي
ڪتابن تي منحصر آهي. انهن ڪتابن جي پوري
ڪٿ نٿي ڪئي سگهجي، پر هيترو يقين آهي،
ته ٢- ٣- سؤ قلمي نسخا ڪتا ڪري سگهبا."
ساڳئي ڪتاب ۾ هن صاحب، سنڌ جي شعر بابت
ڄاڻايو آهي ته:-

"هندستان جي ٻين ڀاڱن وانگر، سنڌ علائقي جو
"نظمي ادب"، پاطراوت، ورجيسن ۽ اصطلاحن
سان پريل، طبعزاد، جهجهو، لفظن ۽ عبارتن ۾
گونا گون ۽ ساڳئي وقت سادو ۽ فطري آهي."
سنڌ ۽ هند وغيره جي صوفياني شعر ۽ سنڌ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مايہ ناز ۽ لافاني شاعر ؛ حضرت شاھہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ متعلق، مذڪور ڪتاب ۾ وري ڄاڻايو الس تہ :-

”صوفي شاعر، اڪثر زبان ۽ طبعي علم جو واقف ۽ ماهر هوندو آهي. هنڪي ”سرود“ جي ذات هوندي آهي ۽ هو پنهنجي شعر ۾ بي ڏڪ تشبيهون ڏيندو آهي، جنجي عام فهم دانائي، سڀ ڪي پسند ايندي آهي. هنجي شعر جي اندروني ۽ باطني معنيٰ، سواءِ ڪن عالمن جي، ٻين جي سمجھہ ۾ نہ ايندي آهي. انهيءَ قسم جا مشهور شاعر، عربن ۾ :- ”ابن الفارض“ ايران ۾ :- ”حافظ شيرازي“ ۽ سنڌ ۾ : ”شاهہ ڀٽائي“ آهن........

سنڌ جي شاعر ؛ ”شاهہ ڀٽائي“ لاءِ مشڪل ڳالهہ هيءَ هئي، تہ انجو واسطو هڪ دهقاني ٻوليءَ سان ٻيو هو ۽ انجا ٻڌندڙ خيال ۽ فڪر وارا ڪونہ هئا!

هو پنهنجي شعر جي سونهن، حرف تجنيس ۽ ٻہ معنيٰ ۽ ترنم وارن لفظن جي وڻندڙ ترتيب سان ڪريٿو. هو پنهنجي علم جو اظهار، ڪٿي ڪٿي، عربي ۽ پارسيءَ جي ٻولين جي اشارن سان پڻ ڪريٿو ۽ ڪن جاين تي انهن جي عبارتن جا حوالا بہ ڏئي ٿو. هن جو سمورو ڪلام، انهن

خيالن ۽ مضمونن سان واسطو رکندڙ آهي، جنکان هن جا هم وطن اڳ ئي واقف آهي، پر هن انهن کي هڪ عجيب اصول جي اظهار لاءِ استعمال ڪيو آهي. هنجي ڪلام جا ڪيترا حصا ڌيکارين ٿا، ته هن کي مذهب ”گهرو-زندگي“ لاءِ قدر آهي.

شاعر طبقي جي ماڻهن مان اهڙي ڳالهہ جي اميد رکڻ، گهڻو ڪري، مشڪل هوندي آهي، تنهنڪري آهي ماڻهو، جيڪي شاهہ جو شعر سمجهي سگهن ٿا، سي هنجي شعر کي پڙهي، ڏاڍا خوش ٿيندا آهن! عالم انجي خوبين جي سارا هہ مان ڍاپن ئي نٿا ۽ هو اهو شعر، هر وقت ”يڪتاري“ تي ٻڌڻ پسند ڪندا آهن. اڻ پڙهيل ماڻهن کي به انجي شعر جا مصرع بر زبان ياد هوندا آهن ۽ هو انهن جي معنيٰ سمجهڻ جي ڪوشش ۾ هوندا آهن.“

ساڳئي ڪتاب ۾ برٽن، سنڌ جي جمالي ۽ جلالي صوفين جو ذڪر ڪندي، ”حضرت قلندر شهباز مروندي ؒ“ جي بنسبت، رقمطراز آهي ته:-

”سنڌ ۾ تصوف جا مکيہ ٢- فرقا آهن:

١- جلالي ۽ ٢- جمالي. چون ٿا ته ”جلالي“ فرقي وارا، ”وجود مطلق“ جي جلالي-وصفن جو تصور ڪندا آهن... جلالي فقير جي تعليم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌهي هوندي آهـــي ان ۾ هنکـــي کيترين ريتين - رسمون ادا ڪرڻيون پونديون آهـن ...

سنڌ ۾ ” **جمالي - صوفي** “، زمانـي جـي خيال کان، پنهنجي جلالي - ڀائرن کان زيادہ عزت وارا ليکيا ويندا آهـن. جلالي فقير، ڪليو ڪلايو، شرعي احڪام جي ابتڙ هلندا آهن، پر جمالي فقير، شريعت جي حڪمن جي پيروي ڪندا آهن.

سنڌ ۾ ” جلالي - فقير “، گهڻو ڪري مفلس هوندا آهن ۽ گذران ڏاڍو ڏکيو ڪيندو اٿن! سنڌ ۾ هنن جو مشهور مهندار: ” قلندر - شهباز “ ٿي گذريو آهـــي. هن بزرگ جـــو اصل نـالـــو: ” حضرت عثمان مروندي “ هو، جو صرف وڏو جو وڏو ڄاڻو، ٻولين جو ماهر ۽ هوشيار سياح هو. هن سن ٦٧٣ هه، مطابق سن ١٢٧٤ع ۾، سيوهڻ ۾ وفات ڪئي. ” **قلندر** “ هـــو، تنهنڪري شادي ڪرڻ جي خلاف هـــو، جنهنڪري هن پوئتان پنهنجو ڪوبہ اولاد ڪونہ ڇڏيو! هـاڻي هنجا خليفا ۽ هنجي درگاهہ جا مجاور، ماڻهن کي ” مريد “ بڻائيندا وتندا آهن. زيارتين جي طرفان هنجي مقبري جـــو تمـام وڏو ادب ۽ احتـرام ڪيو ويندو آهي .........

هن درگاهہ تي هميشہ سوالين ۽ زيارتين جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميلا لڳا پيا هوندا آهن. شاهوڪار ماڻهو، هنجي
تربت تي، ٻڙ چاڙهيندا آهن، نذرانو ڏيندا آهن،
جنهنجو ڪجهه حصو مجاورن کي ملندو آهي ۽
ڪجهه حصو خليفا کڻندا آهن .........

هن کي ”شهباز“ انڪري ڪوٺيندا آهن،
جو هڪ روايت مشهور آهي، ته هنجي هڪ
دوست: ”شيخ صدر“ کي، ڪافرن، جادوگر
سمجهي، هنجي قيد ۾ وڌو هو ۽ هن درويش
انوقت ”باز“ بڻجي، ان کي قيد مان آزاد
ڪرايو هو!“

مطلب ته هن صاحب جو هي ڪتاب سمورو ”سنڌ“ جي قسمين قسمين ڳالهين ۽ روايتن سان ڀريل ۽ مالا مال لعل آهي. تازو ان ڪتاب جو، سنڌي-ادبي بورڊ، حيدرآباد طرفان، سنڌ جي مشهور عالم ۽ قانوندان: **”مسٽر محمد حنيف صديقي ٺڪارپوري“** کان، سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائي، انکي نهايت سهڻي نمي ۽ سٺي ٽائيپ ۽ گيٽ-اپ سان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. هي ترجمو ٿيل ڪتاب ڪل ٣٨٤- صفحن تي مشتمل آهي: هر سنڌيءَ کي هي ضرور پڙهڻ گهرجي.

هنجي ٻئين تصنيف: **”سنڌ يا ڏکوندي ماڙي“** ۾، هن صاحب سنڌ جي غريب ماروئڙن جي ڏکن ۽ ڏمن جو نهايت وڻندڙ نموني ۾ ذڪر ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح

”سنڌو مائريءَ ۾ شڪري بـــازي“ واري ڪتاب ۾ وري سنڌ ۾، شڪري يا باز جي ذريعي شڪار ڪرڻ جي ريتين-رسمن ۽ طور-طريقن جو بيان ڪيو اٿس!

هن پنهنجو ڇوٽون ڪتاب: **”سنڌ جي پهريون دفعو زيارت“**، سن ۱۸۷٦ع ۾، بهار جي موسم ۾، سنڌ ۾ پهرو دفعو اچڻ کانپوءِ، لکيو هو ۽ اهو سن ۱۸۷۷ع ۾، لنڊن ۾، ڇپجي ظاهر ٿيو. هن ڪتاب ۾ رچرڊ برٽن، پنهنجا اکيان مشاهدا، هڪ نئين-رنگ ڍنگ ۽ مزاحيہ طـــور طريقي سان بيان ڪيا آهن! هـــي ڪتاب جيتوڻيڪ، هنجي ٻين ڪتاب وانگر، علمي-ادبي طرز ۽ اڪثر نگاهہ کان نہ لکيو ويو آهي، تاهم هنجي هيءَ تصنيف، دل ولدرائڻ جـو هڪ ذريعو ضرور سمجهي وڃي ٿي. هي هڪ هوشيار گهوڙيسوار بہ هو ۽ ڪيتري وقت تائين ترڪن جي هڪ قبيلي: ”باشي بزوڪ“ جي گهوڙي سوار دستن جو ڪمانڊر بہ ٿي رهيو هو!

تازو، هن جي سوانح-حيات متعلق، هڪ نئون ڪتاب، هـــڪ انگريـــز عـــالم: **”مسٽـر بـائرن فارويل“** (Mr. Byron Farwell) جـــو لکيل، لنڊن ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو آهـــي. ان جي مهاڳـــ ۾، مصنف هڪ هنڌ، سنڌ جي ماڻهن متعلق چاڙهيو آهي تہ:-

”جڏهن برٽن سنڌ ۾ هئو، تڏهن انگريزن جو خيال هـــو، تـــہ گهٽ ۾ گهٽ ۱۰- سالن تائين،

سنڌ جا ماڻهو ”گوريلا - جنگ“ جاري رکندا، پر سر چارلس نپيئر، حڪومت جو اهڙو ته انتظام رکيو، جو هڪ ئي سال جي اندر، سنڌ، پوري هندستان ۾، سڀ کان وڌيڪ ”پر - امن“ صوبو سمجهڻ ۾ آيو! هن تي هڪ بلوچ پنهنجو رايو ڏنو هو، ته ”هاڻي سنڌ ۾ ايتري قدر ”امن“ - قائم ٿي چڪو آهي، جو جيڪڏهن اوهان ان جي هڪ ”ڏيپيوءُ“ کي ڦاسائيندا، ته اهو به اوهانکي ڏنگ نه هڻندو!“ سر چارلس نپيئر، سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت قائم ڪرڻ سان، ملڪ ۾ کي اهڙا قانون نافذ ڪيا هئا، جهڪي شروعات ۾ ”سنڌين“ جي سمجهه ۾ نٿي آيا! سر چارلس نپيئر، سڀ کان اول، سنڌ جي ”حبشي غلامن“ کي آزاد ڪرايو ۽ الڪانپوءِ اعلان ڪيائين، ته جيڪو ماڻهو ڏوهه ڪندو، حڪومت جي طرفان سزا به ان کي ملندي. هن کان اڳ ملڪ ۾ اهو دستور رائج ٿيل هوندو هو، ته جيڪڏهن ڪو پئسي وارو يا شاهوڪار ماڻهو، ڪو جرم ڪندو هو ۽ ان کي ميرن يا قاضين جي پاران ڪا سزا ڏيڻ ۾ ايندي هئي، ته هو پئسن سان ڪو پيو ماڻهو يا غلام خريد ڪري، ان کي پنهنجي پاران، حڪومت جي حوالي ڪري ڇڏيندو هو ۽ الڪانپوءِ اها سزا، ان کي پوڳڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھوندي ھئي ! سر چارلس نپيئر گويا، اھو ’بالواسطہ‘ واري سزا جو اصول ۽ قانون، آئينده لاءِ رد ڪري ڇڏيو ھو ۽ ان ڳالھہ کي عملي طرح ثابت ڪرڻ لاءِ ان، ھڪ خون جي ڏوھيءَ کي، سندس ڏوھہ جي ثابت ٿيڻ تي، ڦاسي ڏياري ڇڏي!

سر چارلس نپيئر، سنڌ مان ھي رواج بہ ڪڍي ڇڏيو، تہ زنا جي ڏوھہ ۾، مڙس، پنھنجي زال کي، پنھنجي ھٿن سان، قتل ڪري سگھي ٿو!"

اسان ھن ڳالھہ اڳ۾ چاڻايو آھي، تہ سر رچرڊ برٽن، "سنڌي - ٻولي" جي ھڪ لپي ٺاھڻ واري ڪاميٽيءَ آڏو ھي ظاھر ڪيو ھو، تہ "سنڌي - زبان" کي لکڻ لاءِ، "عربي - سنڌي" الف - ب کان ڪم ورتو وڃي ۽ ان جي باري ۾، ھن صاحب جيڪي لاجواب دليل پيش ڪيا ھئا، سي ھي آھن :-

١- سنڌي زبان کي لکڻ لاءِ، ديو ناگري يا ٻئي قسم جون صورتخطيون، ھن ٻوليءَ جي موجوده صورت جي نڪتہ نظر کان، بلڪل بيڪار ۽ اجايون آھن، ڇو تہ ديو - ناگري خط ڪٺي ڪيڏو بہ عالمانہ ۽ فاضلانہ ڇو نہ ھجي، پر ان ھوندي بہ ان ۾ ايڏا سقم تہ ڏسڻ ۾ اچن، جو انھن جي ڪري، ڪنھن بہ ٻوليءَ کي صحيح طور تي ٽيستائين لکي نٿو سگھجي، جيستائين انھي "الف - ب" جي ٢٠- اکرن کي مختلف اعرابون نٿيون

ڏنيون وڃن .

٢- ديو ناگري خط ڏکيو ۽ دفتري ۽ سرڪاري ڪاروبار هلائڻ لاءِ غير موزون آهي .

٣- هندن جي طرفان پيش ڪيل "خدا بادي خط" لاءِ وري هي جو چوڻ هو، ته اهو خط هندن جي واپاري ۽ تجارتي طبقي ۾ برابر رائج ٿيل آهي، پر عام ماڻهن جي فهم ۽ سمجهه کان گهڻو مٿي آهي .

٤- "گرمکي خط" جي باري ۾ وري هي صاحب جو دليل هو، ته اهو خط "پنجابي - زبان" لاءِ ته موزون ۽ مناسب ٿي سگهي ٿو، پر سنڌيءَ لاءِ ان کي ڪڏهن به صحيح ۽ برابر چئي نٿو سگهجي ، ڇو ته انجي استعمال ڪرڻ ۽ ڪتب آڻڻ ڪانپوءِ، ان جي حرفن ۾ وڏي ڦير ڦار آڻڻ جي ضرورت ٿيندي، جو نهايت مشڪل ڪم آهي .

٥- عربيءَ جي طرز تحرير، سنڌيءَ کي بلڪل قريب ۽ ويجهي آهي ۽ انجي اهميت ۽ مقبوليت کان ڪوبه انڪار ڪري نٿو سگهي . ان کي دنيا جي وڏي حصي ۾ لکيو ۽ سڃاتو وڃي ٿو ۽ اها دنيا جي هڪ مهذب ۽ صدين کان چالو سڃاتل زبان آهي، انڪري هنکي "ايشيا - کنڊ" لاءِ نهايت عمدي ۽ ڪارائتي صورتخطي سڏي سگهجي ٿو . سنڌو - ماتريءَ جو اڳوڻو ادب پڻ اسان کي ان خط ۾ ئي دستياب ٿيو آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهنڪي هن خطي جا مسلمان چڱيءَ طرح پڙهي ۽ سمجهي سگهن ٿا ۽ هن صوبي جا هندو عامل، جيڪي پارسيءَ جو ”خط نستعليق“ چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهن، تن لاءِ پڻ عربيءَ جو رسم الخط ڏکيو نه ٿيندو.

هن صاحب جا، هي دليل پنهنجي جاءِ تي ايتري ته وقعت ۽ اهميت رکندڙ هئا، جو آخر انگريز حڪومت کي ان خط ۾ ئي سنڌي - زبان لکڻ جو حڪم صادر ڪرڻو پيو! ٿوري وقت لاءِ جيڪڏهن هن حقيقت تي ويهي ويچار ڪجي، ته جيڪڏهن هن غير ملڪي ماڻهوءَ جا هوڙا تز ۽ لاجواب دليل پيش ڪيل نه هجن ها ۽ سنڌ جي مسلمانن جــي ڏنل راءِ کــي پڻ رد ڪري، (خدانخواسته) سنڌيءَ کي هندي ڪنهن رسم الخط ۾ لکڻ جو فيصلو ڪيو ويو هجي ها، تــه اڄ اسانجي حالت ۽ حيثيت ڪهڙي حد کي پهتل هجي ها؛ هن قسم جي ٿورڙي خيال ۽ تصور ڪرڻ سان ئي، اسانجي جسم جو وار وار ڪنڊو ٿي وڃي ٿو ۽ ان نڪتهء نظر سان، اسان هن شخص جو اهو احسان، ڪڏهن بـــه وساري ۽ در گـذر ڪري نٿــا سگهـون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪئپٽن جارج اسٽئڪ

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ (Capt. George Stack)، شروعات ۾ جڏهن "ايسٽ انڊيا ڪمپني" ۾ ملازم ٿيو، تڏهن هنکي ٻهريائين "بمبئي" موڪليو ويو، جتي هن هندي ۽ سنسڪرت زبانن ۾ ڪافي مهارت حاصل ڪئي ۽ انهن ٻولين تي چڱو خاصو عبور حاصل ٿيس.

هن کي اول فوج ۾ رکيو ويو هو، جتي هن، محنت ۽ هوشياريءَ سان، جلد ڪئپٽن جو درجو حاصل ڪري ورتو. سن ۱۸۴۳ع ۾ سنڌ جي فتح ٿيڻ کانپوءِ، هنکي سن ۱۸۴۵ع ۾، سنڌ ۾ موڪليو ويو، جتي هي حيدرآباد جو ٻيو ڪليڪٽر مقرر ٿيو. هنجي هن عهدي تي فائز ٿيڻ کانپوءِ، سنڌ ۾، جڏهن سنڌي - زبان جي "الف - ب" ٺاهڻ جو سوال پيدا ٿيو، تڏهن هن صاحب جو رايو ٻڌ ليپي ڪاميٽيءَ جي هندو - ميمبرن جهڙو هو، يعني هن جو ٻڌ چوڻ هو، تہ جيئن تہ سنڌي-ٻولي، سنسڪرت مان نڪتل آهي ۽ هن جو لاڳاپو، ٻين ٻولين جي مقابلي ۾، پراڪرت ٻولين سان وڌيڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ هن ۾ انهن ٻولين جا آڳاٽا ۽ قديمي نشان ۽ آثار اڃا بہ گهڻي ڀاڱي موجود آهن، انڪري، هن ٻوليءَ کي لکڻ لاءِ آئيوينا ٻڌ ديو - ناگري هئڻ گهرجي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# DICTIONARY

## SINDHI AND ENGLISH

[illegible]

[illegible]

BOMBAY.

[illegible]

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي ڇپايل

”سنڌي ۽ انگريزي ڊڪشنري“

جو ٽائيٽل صفحو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي

"سنڌي ۽ انگريزي ڊڪشنري"

جو هڪ اندريون ورق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئپٽن موصوف، پاڻ سنسڪرت ۽ هندي زبانن
جو وڏو ڄاڻو هو ۽ اوائل ۾ بمبئيءَ جي رهائش وقت
هن تي هندو عالمن ۽ برهمڻن جي صحبت جو وڏو رنگ چڙهيل
۽ اثر پيل ٿو ڀانئجي، انڪري ئي هن شايد سنڌي - زبان
جي الف - ب لاءِ اهڙو رايو ڏنو هجي، پر ٻئي پاسي
هنکي سنڌي - زبان لاءِ وڏي عزت ۽ محبت پڻ هوندي
هئي ۽ ٻين ڏيهي ٻولين کان، هن کــي متيرو ڀائيندو
هو ۽ ان زبان جو پڻ چڱيءَ طرح مطالعو ڪري، ان تي
هن ٣ مشهور ڪتاب لکيا، جن مان هڪ، سنڌي-انگريزي
لغت هئي، جا هن بمبئي مان، سال ١٨٤٩ع ۾ ڇپائي
پڌري ڪئي هئي .

هن جو ٻيو ڪتاب : ”سنڌي گرامر“ هو، جو پڻ
١٨٤٩ع ۾، بمبئيءَ مان ڇپجي ظاهر ٿيو هو . هن جو
ٽيون ۽ ناميارو ڪتاب : 'سنڌي-انگريزي ڊڪشنري'
هئـي، جيڪا هــن ”انگريزي - ديوناگري“ لپيءَ ۾،
١- مارچ سن ١٨٤٧ع تي، لکي پوري ڪئي هئي ۽ انجي
لکڻ ۾ هن حيدرآباد جي ٻن برهمڻن : سچانند ۽ چيتانند
کان مدد ورتي هئي .

حيدرآباد ۾ رهندي، هي صاحب، ڪنهن ڳجهي ۽
خطرناڪ بيماريءَ سبب، ٻڳهي موڪل تي، انگلنڊ روانو
ٿي ويو هو، جتان موٽي اچڻ کانپوءِ، مٿي ذڪر ڪيل
”سنڌي - انگريزي“ لغت کي ڇپائڻ جـو ڪم شروع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو هئائين ۽ ان ڊڪشنريءَ جا ١٦٠ صفحا مس ڇپيا هئا، تہ ٻاڻ وري ولايت هليو ويو ۽ اتي ماهہ ڊسمبر، سن ١٨٥٣ع ۾ وفات ڪيائين.

هن جي مري وڃڻ ڪانپوءِ، ان ڊڪشنريءَ جو ڏمو، سر بارٽل فريئر جي سيڪريٽري: 'مسٽر بي - ايچ - ايلس' ٻاڻ تي ڪنيون ۽ ان جو مهاڳ پڻ ان صاحب لکيو. مسٽر ايلس، ان ڊڪشنريءَ جي "پيش لفظ" ۾ لکي ٿو تہ:-

"موجوده تصنيف جي اشاعت لاءِ، چند وضاحتي لفظن جي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ جو هن جو مصنف، هنجي مڪمل ٿيڻ ۽ ڇپجڻ کان اڳ پروف ڏسڻ لاءِ زنده نہ رهيو.

ڇپايل "انگريزي - سنڌي ڊڪشنريءَ" جي پڙهڻ لاءِ، هن پنهنجي دماغ ۾ ڪو تصور ويچاريو هو ۽ ان لاءِ مواد بہ ڪو ڪٺو ڪيو هئائين، پر ساڳئي سال، سنڌ جي طبيعت جي ناسازيءَ، وطن ورڻ لاءِ مجبور ڪيس.

حقيقتاً هيءَ ڊڪشنري ئي هن جي بيماريءَ جو باعث بڻي هئي. حيدرآباد جي ڊپٽي ڪليڪٽر جي حيثيت ۾، مختلف ۽ انيڪ فرض جي سر انجاميءَ جي باوجود، هن جيڪو ڊڪشنرين جي تياريءَ جو، پنهنجي طبيعت تي بار گران

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏو هو، سو هنجي صحت تي ايترو ته اثر انداز ٿيو، جو مجبوراً کيس هي هنڌ ڇڏڻو پيو. ان هوندي به هن صاحب، ان خيال کي بلڪل ڇڏي ڪونه ڏنو، پر ان کي ڪجهه وقت لاءِ پاسيرو سو ضرور ڪري رکيائين ۽ دوباره هٿ اچڻ وقت، سنڌ ۾ ڪنهن زياده آمدنيءَ واري عهدي ۽ صحتمند هنڌ تي پنهنجي مقرريءَ جي خواهش، فقط هن خيال سان ظاهر ڪيائين، ته جئين سندس لکل دلي مراد پوري ٿئي، يعني هن پنهنجي لکيل ڪتاب کي اشاعت جي منزل تائين پهچائي سگهي!"

هن ڊڪشنريءَ جي اشاعت جي باري ۾ وڏيڪ هو صاحب چاڻائي ٿو ته:-

" بمبئي سرڪار جڏهن ئي هن جي ان تصنيف جي ڇپائڻ جي موڪل ڏني، تيئن ئي ١٨٥٣ع ۾ هي صاحب موٽي سنڌ ۾ آيو ۽ پنهنجي اوائلي مواد ۾ ڪجهه قدر ردو بدل آندو ۽ ان ۾ ٿورو گهڻو اضافو ڪري، ان کي پريس جي حوالي مس ڪيائين، ته اوچتو ڊسمبر ١٨٥٣ع ۾، مٿس موت اچي ڪڙڪيو! هن جي هن ڪمهلي وفات وقت، هن ڪتاب جا ١٦٠- صفحا پريس ۾ ڇپجي چڪا هئا، باقي (ج) ڪانوني پچاڙيءَ

هي حرف ثاٺين اڪر، لظر ثاني ۽ درستي نہ
ڪرڻ سبب، ڇپجڻ جي انتظار ۾ هئا . ان کانسواءِ
” الف - ب “ جا آخرين ٩- اڪر اڃا حڪومت
جي زير غور هئا، انکري الهن کي بہ پريس ۾
اڃا ڪو نہ موڪليو ويو هو . “

ان ڊڪشنريءَ ۾ رهجي ويل غلطين جي سلسلي ۾،
هن صاحب چاڻايو آهي تہ :-

” هن پيشڪش جي غلطين تي تعجب جو
اظهار ڪرڻ بيسود آهي، ڇو تہ جهڪا لکيت،
پنهنجي لکندڙ جي دوباره زير غور نہ رهي هجي
۽ خاص طور تي ڊڪشنري؛ جنهن جو تحرير
ڪرڻ، ٻين لکيتن جي مقابلي ۾، وڌيڪ خبرداري
۽ چنڊ ڇاڻ جو مستحق آهي ۽ جن نا موافق
حالتن هيٺ هن ڊڪشنريءَ کي مڪمل ڪرڻ
۾ آيو هو، تن سڀني ڳالهين کي اڳيان رکي،
منجهس رهجي ويل چوڪن کي در گذر ڪرڻ
وڌيڪ موزون لو ڏسجي . “

پنهنجي متعلق صفائي پيش ڪندي ، مسٽر ايلس،
ان مهاڳ ۾، رقمطراز آهي تہ :-

” هن صفائي پيش ڪرڻ جي ڪا ضرورت
ڪا نہ آهي، تہ هن ڊڪشنريءَ جي سموري
سناڻ مواد جو حصول ۽ انجون حسن خصوصيات،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ آنجهاني ڪئپٽن اسٽئڪ جون مرهون-منت آهن. پر ڪنهن به چيز لاءِ منهنجي دعويٰ ڪا نه آهي، سواءِ انهن غلطين درست ڪرڻ جي، جيڪي لاشعوري طور تي، ان مسودي کي، پريس جي حوالي ڪرڻ وقت درست ڪرڻ ۾ آيون هيون. اها به هڪ حقيقت آهي، ته مٿئين وڏن جا نالا ۽ ”علم - نباتات“ سان تعلق رکندڙ لفظ آنجهاني ”ڊاڪٽر اسٽاڪس“ جا موجود ڪيل آهن، جيڪو صاحب ان مضمون ۾ ڪافي مهارت رکندڙ هو.“

ڪئپٽن اسٽئڪ جي ڊڪشنري، ’سنڌي-ديوناگري‘ لپيءَ ۾ ڇپائي هئي، تنهن بابت مسٽر ايلس لکي ٿو ته:-

”هن ڊڪشنريءَ کي ”ديو - ناگري“ لپيءَ ۾ پيش ڪرڻ بابت، ڪئپٽن، پنهنجي پهرين ”انگريزي - سنڌي ڊڪشنريءَ“ ۾ مختصر خيال پيش ڪيو آهي، پر ان مان انجي مڪمل وضاحت معلوم ٿي نٿي سگهي. ممڪن آهي جي ان خيال کي غلط سمجهيو وڃي، انڪري هتي اچي انجي پوري وضاحت ڪريان ٿو، ته ڪيترن موقعن تي، ڪئپٽن مونکي اهو ڏيندو رهيو هو، ته ”ديو - ناگري“ لپيءَ ۾ سنڌس ڊڪشنري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇپائڻ جو خيال، عام سنڌي-خواندن جي استعمال
لاءِ نه، پر اهڙن آفيسرن جي ڪتب آڻڻ لاءِ آهي،
جيڪي هن کان اڳ اهڙن ڪتابن کي ڪم آڻيندڙ
آهن، مگر منهنجو رايو آهي، ته هي ڪتاب، عام
شاگردن جي استعمال لاءِ هميشه ڪيو ويو هو. جيتوڻيڪ
ڪتاب ۾ ڪيتريون غلطيون رهجي ويل آهن،
تنهن هوندي به ”ڪئپٽن اسٽئڪ“ جي انجام
ڏنل محنت کي تحسين جي نگاهن سان ڏٺو
ويندو ۽ خاص طور تي سول-ملازمين ۽ ملٽريءَ
جا عملدار، جيڪي سنڌي-سکڻ جا خواهان
هوندا، سي هن جا وڏيڪ ممنون ۽ مشڪور
رهندا. مان اهو به يقين سان چوانٿو، ته ايندڙ
وقت جا ”سنڌي-ڊڪشنري نويس“ پڻ،
ڪئپٽن صاحب جي هميشه ڪمل مواد جا ٿورائتا
رهندا ۽ اها پڻ قوي اميد رکي ٿي سگهجي، ته
هن خطي جو عوام پڻ، هن هاريءَ ”سنڌي-
ڊڪشنريءَ“ جي ليکڪ جي ڪوشش ۽ محنت
جو قدر ڪندو.“

هيءَ ڊڪشنري، ساڍا ٩ ۽ ٦- انچ سائيز ۾،
ڪئپٽن اسٽئڪ جي وفات کان پورو هڪ سال پوءِ،
٢١- ڊسمبر ١٨٥٤ع تي، بمبئيءَ جي ’امريڪن-مشن پريس‘
مان، ٨-٤٣ صفحن ۾، ڇپجي ظاهر ٿي هئي ۽ ان جو

مهاڳ مسٽر ايلس ٻارٺ سابڪئي ڏينهن تي لکيو هو.

ڪئپٽن موصوف جي مذڪور لغت، بلاشڪ، سنڌ جي ماڻهن لاءِ، هڪ ”سنگ ميل“ جي حيثيت رکي ٿي، ڇو ته اِهائي اها شروعاتي لغت هئي، جنهن ملڪي چاهي غير ملڪي عالمن ۽ تعليم يافته ماڻهن کي، اسان جي سڀاجهوڙي زبان سان روشناس ڪرايو هو، انڪري آنجهاني ڪئپٽن، اسانجي نگاهن ۾، وڏي عزت ۽ آفرين جو لائق ۽ حقدار آهي.

هن صاحب انگريزن جـــي هڪ مذهبي ڪتـاب: ”گاسپل آف سينٽ ميٿيوز“ - ( Gosspil of Saint Mathews ) جـو پڻ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو، جـو انوقت سنڌ جي مشن اسڪولن ۾ پاڙهيو ويندو هو.

# ميجر ايف - جي - گولڊ سمٿ

سن ١٨٤٣ع ۾، انگريزن جي سنڌ ۾ اچڻ ۽ ١٨٥٤ع ۾، سنڌي - زبان جي موجوده لپي يا آئيوينا جي رائج ٿيڻ ۽ دستور ۾ اچڻ ڪاڻ، جن ٻرڏيهي اديبن، اسان جي ادب ۽ مادري زبان جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ اڻٿڪ ۽ قابل قدر ڪوششون ورتيون هيون، تن مان "ميجر ايف-جي-گولڊ سمٿ" ( Major, F.J.Goldsmid ) جو مان، جان تان مٿاهون آهي ۽ هن صاحب جون سنڌي - ٻوليءَ جي باري ۾ سر انجام ڪيل ڪارگذاريون، اسان ۽ اسانجي آئينده اؤلاد ۽ نسل طرفان، سونهري لفظن ۾، لکڻ ۾ ايندين.

هي صاحب، انگريزن جي اوائلي دؤر ۾، سنڌ جو "اسسٽنٽ ڪمشنر" ۽ تعليم - کاتي جو "آفيسر انچارج" مقرر ٿي آيو هو. سال ١٨٦٠ع ۾، هن صاحب جي بي لوث محنت ۽ زبردست ڪوشش سان، ١٧٠- صفحن تي مشتمل، هڪ مستند ۽ شاندار؛ " سنڌي - گرامر "، ٨ - ١٢ انچن جي سائيز ۾، ڇپجي ظاهر ٿيو هو، جنهنکي هن وقت به سنڌيءَ جو هڪ مڪمل ۽ معتبر گرامر ڪري تسليم ڪيو وڃي ٿو.

ميجر موصوف جي ٻاران، هن ڪتاب جي منڍ ۾،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ميجر ڪولب سمٿ جي ڇاپل

"سنڌي - گرامر" جو هڪ اندريون ورق.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[illegible] introduced are at least instead of plain [illegible]
part. [illegible] to see no harm in Catering to the [illegible]
taste for hard words and intricate Arabicisms,
provided they open the door to the understanding of
simple Grammatical principles. It is when they
are learnt by rote for mere repetition that the
vocabulary is undigested.

Sanction to the disbursement was given
by the [illegible] [illegible], and Confirmed by Govt.
letter, No. 1464, of the 19 August 1857. The book
is intended chiefly for Vernacular Schools, but
is recommended to the notice of all English
Students of Sindee, who desire a [illegible]
knowledge of the language, especially [illegible]
[illegible]

ميجر ايف - جي - گولڊ سمڊ جي ڇپايل

"سنڌي - گرامر" جي انگريزي مهاڳ جو هڪ ورق.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گرامر جـــي نڪتہ نظر کان، انگريزي زبـان ۾ ڪن سنڌي - جملـن ۽ لفظن جـون سمجهاڻيون ڏنيون ويئون آهن، جنهنڪانپوءِ ٻورن ٩- صفحن تي، انجو 'ٻيش-لفظ' ڏنو ويو آهـي، جنهن ۾ لائق مصنف، نئين الف - ب، سنڌي زبان ۽ ٻنهجي گرامر جـي ڇپائڻ جي مطلب ۽ مقصد تي، سير حاصل تبصرو ڪيو آهي.

هن صاحب، اهو ٻيش لفظ، ١٦- اپريل سن ١٨٦٠ع تي لکي پورو ڪيو هو ۽ انکانپوءِ اهو ڪتاب 'ليٿو پريس' تان ڇپجي ظاهر ٿيو ۽ ان کي، سال ١٨٤٧ع جي، ڇپائيءَ جـي ايڪٽ نمبر ٢٠- موجب، مرڪزي سرڪار وٽ رجسٽر ڪرايو ويو هو.

هيءَ هڪ واضح حقيقت آهي، تہ هن کان اڳـ، يعني سال ١٨٥٤ع ۾، حيدرآباد جـي انگريز ڊپٽي ڪليڪٽر: "ڪئپٽن جارج اسٽئڪ" جو هڪ ضخيم سنڌي-انگريزي گرامر جـو ڪتاب، ڇپجي ظاهر ٿيو هو ۽ هنکانپوءِ ٻہ، جرمنيءَ جـي هڪ عالـم - فاضل ۽ مشهور مستشرق: "ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽـرمپ" ( Dr. Ernest Trumpp ) سال ١٨٧٢ع ۾، ٻنهجي طرفـان هڪ انگريزي - سنڌي گرامر شايع ڪرائي، ملڪ جـي عامي - ميدان تي آڻي ظاهر ڪيو هو، پـر انهن ٻنهي ۽ مٿير موصوف جـــي گرامر جـي درميان هڪ وڏو فرق ۽ تفاوت هي موجود آهي، تہ انهن جـا ذڪر ڪيل گرامر، عربي - سنڌيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي بجاءِ انگريزي - ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل آهن. پر ميجر موصوف جو مذڪور گرامر؛ سواءِ ٻيش لفظ ۽ ڪن سمجهاڻين جي؛ سمورو عربي - سنڌي الف - ب ۾ لکيل آهي ۽ ان جي اها ڳالهه ۽ خصوصيت، انکي، اسان جي سنڌي - علم و ادب ۾، اچا ٻه هڪ اوچي ۽ متاهين منزل تي پهچاريو بيٺي آهي.

ميجر موصوف، مذڪور گرامر جي "ٻيش لفظ" ۾ جيڪي ڪجهه لکيو آهي، تنهن مان ٻڙ اسان کي، پنهنجي ٻوليءَ جي حيثيت ۽ ان جي بنيادي حقيقت جي پوري پوري ڄاڻ پئي ٿي ۽ ان لحاظ کان جيڪڏهن ان جي ان مهاڳ کي، اسان جي زبان جو **"اوائلي دستاويز"** ڪوٺيو وڃي، ته ان ۾ ڪو به مبالغو يا وڌاءُ نه ٿيندو.

ميجر موصوف، ان ٻيش - لفظ ۾، هڪ هنڌ، صحيح راءِ جو اظهار ڪندي، ٻڌائي ٿو ته:-

"اسان سنڌ جي "سرڪاري-زبان" عربي-سنڌي سمجهون ٿا ......... عربي - سنڌي الف - ب جي تاريخ، اسان کي يقيني طور تي ٻڌائي ٿي، ته اها ٻهرين صدي هجري ۽ عربن جي ڪاهه کان پوءِ، ٿوري گهڻي، ملڪ ۾ ضرور رواج هيٺ آيل هئي ......... ان جيءَ صورتخطيءَ ۾، ڪجهه ڪتاب، سهڻي نموني ۾، ڇپيل آهي. ان نڪتهءِ نگاهه کان جلد اها لپي، سن ۱۸۵۴ع واري مقرر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيل صورتخطيءَ جي جڳهه واارينديِ، جيڪا سر بارٽل فريئر جي هدايتن مطابق، مسٽر ايلس طرفان تيار ڪرايل ۽ ليٿو گراف ذريعي ڇپايل آهي."

اڳتي هلي، هي صاحب، سنڌي- گرامر جي ضرورت جي باري ۾، لکي ٿو ته :-

"ڪابه ٻولي لکي ۽ ڳالهائي وڃي، تنهن لاءِ قدرتي طرح، هي نهايت ضروري آهي، ته اها گرامر جي قاعدن موجب سيکاري وڃي. سنڌ ۾، گرامر جو اهڙو ڪوبه ڪتاب، ديهي ٻوليءَ ۾ ڪونهي، سواءِ "منشي آدارام" جي تصنيف جي، جنهن لاءِ ان کيرون لکيون، ۽ ان کي ئي شروعاتي - سنڌي گرامر جو بنياد سمجهيو وڃي ٿو، پر اهو تمام ننڍڙو ۽ مختصر آهي، انگريزي انکي "ڪلاس - بوڪ" طور ڪتب آڻي نٿو سگهجي."

پر ديهي عالمن - فاضلن ٻارن، هن کان اڳ ۾ لکيل سنڌي - گرامرن جي نسبت وري ميجر موصوف، هيٺين ڇاڻايو آهي :-

"اهڙيءَ طرح انگريزيءَ ۾ جيڪي گرامر شايع ڪرايل آهن، سي پوريءَ طرح مڪمل سنڌي نٿا سگهجن، البت انهن مان ٻه مونکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پسند آهن، جن مان هڪ ”مسٽر ميٿيوز“ (Mr. Mathews) جو آهي، جيڪو سر سري طور تي، آوازن جي سمجھائڻ لاءِ لکيو ويو آهي ۽ ان ۾، رواجي طور تي، پارسي-گرامر جو طريقو استعمال ڪرڻ ۾ آيو آهي ۽ ٻيو گرامر آنجهاني: ”ڪئپٽن-اسٽئڪ“ جو لکيل آهي، جو تازو آهي ۽ فقط انهن لاءِ ڪارائتو ثابت ٿي سگھي ٿو، جيڪي ”ديو-ناگري“ ٻوليءَ جا ڄاڻو آهن.“

ميجر موصوف، پنهنجي گرامر بابت وري هيٺين ريت فرمائي ٿو:-

”حساب ۽ جاگرافي وغيره جا ڪتاب، هنڪان اڳ ئي ٻين حضرات جي طرفان سنڌيءَ ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا ويا آهن ۽ ڪجھه ٻيا ڪتاب به پڙهڻ لاءِ، سنڌيءَ ۾ شايع ٿي چڪا آهن ۽ هينئر ٻيو قدم، گرامر لکڻ لاءِ، کڻڻ گھرجي.“

ميجر گولڊ سمڊ جي مسلسل ۽ ڏينهن رات جي ڪوشش ڪارڳر ٿي، جڏهن اهو گرامر پوريءَ طرح لکجي تيار ٿيو، تڏهن پاڻ، ان متعلق، جيڪو پهريون قدم کنيائين، تنهن بابت رقمطراز آهي ته:-

”٢٨- سيپٽمبر ١٨٥٨ع تي مون، ان گرامر لاءِ ”ڪمشنر صاحب“ کي لکيو، ته هي گرامر جي

افاديت متعلق آءٌ فقط هي چئي سگهانئو، تہ اهو تڪڙ ۾ لکيل ۽ ڪُل ڪيل آهي، اڪري ان کي ڪا وڏي محنت ۽ ڪوشش ڪونہ ٿي ٿئي، هن ڪري ان ۾ گهٽ، ۽ باري باقي اڳتي هلي، هي گهٽ ۾ گهٽ، هن باري ۾، وڌيڪ لکڻ لاءِ ميدان هموار ضرور ڪندو ۽ ترڪيب ڪرڻ جا قانون سيکاريندو. منهنجو شخصي رايو آهي، تہ هن گرامر جو سنڌي-اسڪولن ۾ ابتدائي طور رائج ڪرڻ، فائدي وارو ٿيندو. ازالسواءِ هي اثرائتي ترتيب ۽ شاگردن جي عام معلومات لاءِ پڻ مفيد ثابت ٿيڻ سگهي ٿو.“

مذڪور گرامر تي ”نظر ثاني“ ڪرڻ متعلق، ميجر موصوف لکيو آهي تہ:-

”هن گرامر جي قدر ڪرڻ لاءِ، منهنجي ڪوارٽر تي هڪ ميٽنگ ڪوٺائي ويئي، جنهن ۾ ٽارمل - اسڪول، ڪراچيءَ جو ماستر؛ منشي ننديرام سيوهڻ وارو ۽ ڪليڪٽر جي آفيس جو منشي - رضا محمد موجود هئا. مون گرامر جو مسودو انهن جي حوالي ڪيو، تہ جئن هو منهنجي ٻاران ان تي تبصرو ڪري سگهن، پر اهو طريقو مطلوب مقصد لاءِ، ڪمائتو ثابت ٿي نہ سگهيو، جنهنڪري مون اهو قلمي نسخو، ترميم ۽ تصحيح لاءِ، ميان محمد ذاهن

موڪاسي ڏنو. "

ان ٻيش لفظ جي ٻڌاڙيءَ ۾، ميجر موصوف لکيو آهي ته:-

" مون هن مسوده کي، چڱيءَ طرح، نظر مان ڪڍيو آهي ۽ ان کي ڪتابي صورت ۾ ڇپائي ٻڌري ڪرڻ لاءِ، سرڪاري اينٽر نمبر ١٩٦٩، مورخ ١٩- اگست ١٨٥٩ع سان، سر بارٽل فريئر، منظوري ڏيڻ فرمائي آهي.

هن ڪتاب جو خاص لاڀاپو ابتدائي اسڪولن سان آهي، پر هن لاءِ هيءَ بـه سفارش ڪئي وڃي ٿي، ته اهو انگريزي پڙهندڙ سنڌي - شاگردن کي بہ پڙهڻ گهرجي، ته جئن انهن کي تنقيدي نڪته، نظر کان، ٻوليءَ جي پوري ڄاڻ ٿئي ۽ کين دفتري - سنڌي سمجهڻ ۾ مدد ملي. "

هن مڪمل ۽ نادر روز گار گرامر کان علاوه، ميجر موصوف، سنڌ مان، " سسئي - پنهون " جا بيت ڏٺ ڪري ۽ انهن کي پوري ترتيب ۾ آڻي، سن ١٨٦٣ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هيو ۽ انڪانپوءِ، انهن سارين بيتن جو هڪ ٻيو ڪتاب پڻ شايع ڪرايو هئائين، جنهنجي هڪ طرف سنڌي - بيت ۽ ٻئي طرف انهن جو منظوم - انگريزي ترجمو موجود هو! هن صاحب جو هي شعري ترجمو سليس ۽ دل کي وڻندڙ ۽ پسند پوندڙ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪتاب جو ٻيون ۽ آخرين بيت هي آهي :-

”ٻنهل آءُ ٻيهي ، سوڙهي پانڌن ۾ منهن
اندر باغ بهاريا ، ڀيا ميوا منجهيئي
اُنو نور لٻي ۽ جو ، لٽيا سرها سيئيئي
ڪيچ خبر ٻيئي ، تڏهون ٻڙين ۽ سان مليو!“

ميجر موصوف جي هنن ڪتابن کي ، قديم سنڌي-ادب ۾ هڪ بلند مقام حاصل آهي ۽ اهل سنڌ هنجي انجام ڏنل ڪارنامن کي سدائين تحسين ۽ احترام جي نگاهن سان ڏسندا رهندا .

هنڪالسواءِ ، جڏهن سال ١٨٥٣ع ۾ ، سر بارٽل فريئر جي ڪوشش سان ، سنڌي-عربي الف - ب وجود ۾ آئي ، ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ، پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن جو چار پکڙيو ويو هو ، تڏهن پڻ هن صاحب ، ان باري ۾ ڪافي کان زياده دلچسپي ڏيکاري هئي ۽ هن سلسلي ۾ ، جڏهن ڪراچي ۽ جي ڪليڪٽر : ” ڪئپٽن پريڊي “ ( Capt. Preedy ) ، سال ١٨٣٦ع ۾ ڪراچي ۽ ۾ ۽ حيدرآباد جي ڪليڪٽر : ”مسٽر راٿبورن“ ( Mr. Rothborn ) ، سال ١٨٣٥ع ۾ ، حيدرآباد ۾ ” هاءِ اسڪول “ کولايا هئا ، تڏهن هي صاحب اُتي هو ، جنهنجي ذاتي ۽ مسلسل ڪوشش ڪانپوءِ ، سال ١٨٣٦ع ۾ ” شڪارپور “ ۾ پڻ هڪ ” ڏاڏوي - مڊل اسڪول “

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو بنياد رکيو ويو هو، جو پوءِ ١- مارچ ١٨٧٣ع تي، ڦري "گورنمينٽ هاءِ اسڪول" بڻيو ۽ ان جو پهريون هيڊ ماستر، سنڌ جي مشهور عالم، اديب، مصنف، شاعر ڊرامه نويس ۽ انشاءَ پرداز: "شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ مرحوم" جو وڏو ڀاءُ: "ميرزا صادق علي بيگ" مقرر ٿي آيو هو. هي صاحب ڪجهه وقت حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ اخبار "سنڌ- سڌار" جو ايڊيٽر به ٿي رهيو هو ۽ سنڌ جو پهريون مسلمان هو، جنهن ١٨٧٣ع ۾، بمبئي يونيورسٽيءَ مان، بي- اي جو امتحان پاس ڪيو هو.

هن اسڪولِ ۾ سنڌ جو محب وطن ۽ مشهور سياسي رهنماءَ: رئيس غلام محمد ڀرڳڙي ب، سن ١٨٨٩ع ۾، ماستر ٿي رهي ويو آهي ۽ سال ١٨٩١ع ۾، کيس شڪارپور جو ڀڳني ايڊيو ڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو هو ۽ ان بعد وڪالت جو امتحان پاس ڪمائين ۽ حيدرآباد هليو ويو.

ياد رهي، تہ سن ١٨٨٣ع تائين، سنڌ ۾ صرف ٽي ضلعا: ڪراچي، حيدرآباد، ۽ شڪارپور وجود ۾ آندل هئا ۽ ان سال تائين اسانجو مشهور تاريخي شهر شڪارپور، ضلعي هيڊ ڪوارٽر جي حيثيت رکندڙ هو ۽ ان جي مجموعي اراضي نو هزار ٻہ سؤ چوهٽر ميل ۽ آدم شماري اٽڪل ساڍا ٻارهن لک هئي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ (Dr. Ernest Trumpp)، ٣- مارچ، سن ١٨٢٨ع تي، جرمنيءَ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ : ”ايلز فيلڊ“ (Elezfield) ۾ ڄائو هو. هن جو پيءُ ڪڙمي هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن، گذر اوقات لاءِ، واڍي ڪم ڪار به ڪندو هو. والدين، علم پرائڻ لاءِ هنکي مقامي اسڪول ۾ داخل ڪرايو، جتي ڇهه ورهيه ٿيو، ته هن جي، ان زماني ۾، ڪن ’خانه بدوش‘ ۽ ’رولو قسم‘ جي قبيلن سان واقفيت ٿي، جنجي صحبت ۾ رهندي، هنکي انهن جي ٻوليءَ سان دلچسپي پيدا ٿي. انهن خانه بدوش ماڻهن کي، انگريزيءَ ۾ ”جپسي“ (Gipsy) ۽ پارسيءَ ۾ وري ”لوليان“ يا ”لوريان“ سڏيو ويندو آهي ۽ تاريخ نويس ۽ ٻولين جو ابياس ۽ تحقيق ڪندڙ حضرات چاڻائين ٿا، ته انهن ”لورين“ يا خانه بدوش ماڻهن جي رهڻ جو هنڌ اصل اسانجو ”سنڌ“ ملڪ هو ۽ ان لاءِ ”لوري“ جو سنڌي لفظ ثابتي طور پيش ڪيو ويندو آهي، جنهن مان وري ڇهو ويهي لو ته ”الور“ لفظ لڪتو آهي.

ڊاڪٽر موصوف ڪسي، حقيقت ۾ انهن خانه بدوشن



ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ

(شاهه جي رسالي جو پهريون سهيڙيندڙ

سوڌيندڙ ۽ ڇپائيندڙ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۲۴۸ حُسيني

فصل ٽيون

١

ڪو ڀنڀوري ڪيچ آئي ناروچن سو
ڇڏي ڇڏيئين ڀنڀور ڪنهن ڪنهن نه ونڌري

٢

ڀنڀورن ڀر نه ٿي ڪون جي سڌ ڪا
سي جي عوت سنا ته غوثند نه ونو نکوي

٣

ڀنڀور جي ڪنهن ڪون ڪئي سانيما ڪيا ڪه
ماڙهي سان ڏکيس ان کي ڏونگر ڏوريان

٤

ڀيئنڙ ڀنڀورن ڀهڪو ڏن ائيو
اڳي هون تا ڪان ترتين سور برائيا

٥

ڀيئنڙ هون ڀنڀور ميس دوزخ هو ڏونهو
سارو سونهو ڄڃي نورڄ تستي

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جي ڇپايل
"شاھ جي رسالي" جو هڪ ورق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهه وقت ڪالپوءِ، هي صاحب، پنهنجي بنيادي پروگرام موجب، ڪراچيءَ ۾ آيو، پر اتيجي آب-هوا هن تي خراب اثر ڪيو، جنهن سبب جلد بيمار ٿي پيو، جنهنڪري "چرچ - مشن" طرفان هنکي، علاج جي خيال سان، فلسطين ڏانهن موڪليو ويو، جتي هن وري عربي - زبان جو اڀياس ڪري ورتو.

فلسطين ۾ رهندي هنجي، هڪ انگريز خاتون سان ملاقات ٿي، جنهن سان آخر سن ١٨٥٦ع ۾، شادي ڪيائين، جنهن مان هنکي هڪ پٽ به ڄائو هو.

هي صاحب ١٨٥٨ع ۾ وري ڪراچيءَ موٽي آيو، جتي وري هنجي گهر واري بيمار ٿي پيئي ۽ آخر گذاري ويئي! سال کن رهي، هي وري جرمنيءِ ڏانهن هليو ويو ۽ اتي ٻي شادي ڪري، وري سنڌ ۾ موٽي آيو ۽ ڪيترو وقت اچي حيدرآباد ۾ رهيو، جتي رهندي، هن وري سنڌي - زبان جو اينرو اڀياس ڪري ورتو، جو سن ١٨٦٦ع ۾ "شاهه جو رسالو" هٿ ڪري ۽ پاڻ سنڌي - عربي پارسي - طرز جي "الف - ب" جي "ٽائيپ-لوهي" وجود ۾ آڻي، ان جي ذريعي، لائيپٽنگ جي "بروڪ هائوس ڪمپني" - (Brooke House Company) جي وساطت سان، انکي جرمنيءَ جي "ليپزگ" شهر مان ڇپائي پڌرو ڪيائين! هي حضرت شاهه صاحب پنائيءَ جي رسالي جو پهريون ڇاپو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو، جيڪو ڪنهن لوهي - پرنٽنگ - پريس مان ڇپجي، عوام جي هٿن تائين پهچي چڪو هو! مذڪور ڇاپو، جنهن تہ "علامہ ابوالحسن" جي عربي - فارسي - سنڌي لپيءَ ۾ ڇپايو ويو هو، انگريز ان کي هنوقت سوالئيءَ سان پڙهي نٿو سگهجي. هي رسالو ڪل ١٢١٨ - صفحن تي مشتمل آهي؛ ان ۾ شاهہ صاحب جي ڪلام جا ڪل ٣٧ - سر بيان ڪيا ويا آهن.

هن ڪان اڳ، يعني ١٨٥٨ع ۾، حيدرآباد ۾ رهندي، هن هڪ ڪتاب: **" سنڌي ريڊنگ بوڪ - ان دي سنسڪرت اينڊ عربڪ ڪئريڪٽرس "** (Sindhi Reading Book - in the Sansikrat and — Arabic Characters) جي نالي سان، لنڊن جي هڪ پريس مان ڇپائي پڌرو ڪيو هو، جنهن ۾ **"سورٺ - راءِ ڏياچ"** جي قصي جا هيٺيان بيت درج ٿيل آهن، جنهن جي باري ۾ چيو وڃي ٿو، تہ اهي ڪن قديمي سنڌ جي شاعرن جا چيل آهن:-

منٿ مڇ تون مڱڻا، تون وٺ ڪنڍين سان ڪوٽ
اماهہ ڏيان ڏهہ ارٺ تور ٻيا، تــون ماڻڪ وٺي موٽ
جو گهڻين سندو گهوٽ، سو ڪيئن مارين تون، مڱڻا!

ڪوٽ سونهارا ڪنگرا، تنهنجي ٻيم سڪ
لوڙي ڏارين سيئن، جهوري ڪر پونس جهوڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيئونس ٻاڪَـــيءَ جيـــٽان، تـــاڪِي ڏيونس تڪ
چاڙهي ڪريونس چڪ، اتي ريلا وهايونس رت جا!

هل تــہ چارڻ تو ڏيان، ٻرين ٻنولا ٿي
تازي طويلن مان، جي پانئين سي ٿي
مڇب منهنجي ڪي، مٿو گهر نہ، مڱٽا!

اهيءَ ساڳئي ڪتاب ۾، "ميگوي پڳت" جـا
بہ ڪي سلوڪ ڏنا ويا آهن، جن مان هڪ هيءُ آهي:-
نوڙي جيج نـام ڪـي، چڙدي گيرب گـاءُ
جنم ٻاتهہ جڳـــ ۾، سمجوي ڏس سمـــاءُ
هتائون همراهُ، ٿيندءِ ڪٽنب منجهان ڪيڪي!

هـــن ڪتاب ۾، ڏرمپ صاحب، مسيحي مـــذهب
جي تبليغ جي خيال سان، مقدس بائيبل جا 'ڏهہ حڪم'
بہ شامل ڪيا آهن.

ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ، حيدرآباد مان هـــي صاحب،
ٻيڙيءَ تي چڙهي، سنڌونديءَ جي رستي، ٢٢- ڏينهن
جـــي مسلسل مسافريءَ کانپوءِ لاهور پهتو ۽ اتان وري
پشاور ويو، جتي "پشتو زبان" جي ٣- هفتن جـــي
پڙهائيءَ کانپوءِ، ماڪهن اڌو، ان زبان جي ذريعي، پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عيسائي مذهب متعلق وعظ ڪندو رهيو ! انگلنڊ ۾ "ڪافرستان" علائقي جا ٻه ماڻهو هٿ ڪري، پاڻوٽ ملازم رکيائين، جن ڪان وري انهن جي قبيلي جي ٻولي سکي، ان تي مقالا لکڻ شروع ڪيائين ! ان دوران "بروهي - زبان" تي به ڪافي دسترس حاصل ڪري چڪو هوس.

پشاور ۾ رهندي، هنجي طبيعت وري خراب ٿي پيئي، جنهنڪري لاچار پنهنجي وطن ڏانهن موٽي ويو ۽ اتيجي هڪ شهر : "اسٽگارٽ" ۾ وڃي رهيو ۽ اتي به مشرقي - زبانن جي تحقيق و تدقيق ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر ڪانه ڇڏيائين ! سال ١٨٦٤ع ۾ وري "ٽلنگن" نالي هڪ ننڍڙي شهر جي ديول جو "پادري" مقرر ٿيو. اتي پنهنجي زندگي عزيز جا پورا ٦ - سال گذاريائين ۽ ان وچ ۾ ڪيترا ڪتاب پڻ لکيائين ۽ پنهنجي مذهب جو پرچار به ڪندو رهيو. هنوقت تائين سندس گهرڀاتي گهر واريءَ سميت ڪيس ٢ - پٽ ۽ ٻه نياڻيون ڄمي چڪيون هيون.

سن ١٨٧٠ع ۾، هنکي "برطانيه - سرڪار"، سکن جي مذهبي ڪتاب : "گرو - گرنٿ" جي انگريزيءَ ۾ ترجمي ڪرڻ لاءِ، هندستان ڏانهن موڪلي ڏنو. سال ڏيڍ لاهور ۾ رهي، پنهنجي سومپيل ڪم کي انجام تي پهچائيندو رهيو، پر سال ١٨٧١ع جي پڇاڙي ڌاري،

وري جرمنيءَ ڏانهن موٽي ويو ۽ ١٨٧٢ع ڌاري، مذڪور گرنٽ کي انگريزيءَ ۾ مڪمل طور تي ترجمو ڪري، ان کي سن ١٨٧٧ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيائين.

سن ١٨٧٢ع ۾، هن صاحب، هڪ "سنڌي-گرامر" پڻ، "انگريزي - ديو ناگري" آئيوينـــا ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو، جو جملي ١٣٠- صفحن تـــي پکڙيل آهي. هن گرامر جي "پيش - لفظ" ۾، هن صاحب، سنڌ ۾ نئين رواج ۾ آندل سنڌي-عربي الف - ب ۽ انجي صورتخطيءَ تي دل کولي بحث ڪيو آهي.

ڪجهه وقت هي صاحب، "ٽيوبنگن-يونيورسٽي" ۾، مشرقي - زبانن جـو ريڊر ۽ اسسٽنٽ پروفيسر بـــہ تي رهيو ۽ انڪانپوءِ، سن ١٨٨٣ع ڌاري، هنکي جرمنيءَ جي "ميونخ - يـونيورسٽي" ( Munich University ) ۾، سامي - ٻولين جي تعليم ڏيڻ لاءِ، پروفيسر جي جڳهه ملي ويئي. اتي ئي هن صاحب عربيءَ جي گرامر "اجروميہ" جو انگريزيءَ ۾ تـرجمو ڪيو ۽ ان جـــي شرح لکي! انـــوچير "حبشي - زبان" بـــہ سکي ورتائين ۽ انتي پڻ مقالا لکيائين! انهيءَ عهدي تـــي رهندي ئي، تاريخ ٥- اپريل، سن ١٨٨٥ع ۾، ٥٧- ورهين جـــي ڄمار ۾ فوت ٿي ويو.

هي مشهور معروف مستشرق ۽ يڪتائي روز گار عالم، پنهنجي مادري زبـــان: "جرمني" کانسواءِ، انگريزي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرانسسي ۽ لاطيني زبانن جو ڀڻ وڏو ماهر هو ۽ آفريڪا کنڊ جي حبشي زبان کان علاوه، مشرق جي سنڌي، عربي، فارسي، پنجابي، پشتو، سنسڪرت، بروهي ۽ ڪافرستان علائقي جي ٻولين تي ٻه گهڻو دسترس حاصل هوندو هيس ۽ انهن ٻولين ۾ هن بي شمار ڪتاب، مقالا ۽ حاشيه لکيا!

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي رسالي ۽ سنڌي - گرامر جي ڇپائڻ سبب، هن صاحب گويا اسانجي مادري - زبان ۽ سنڌي - علم و ادب کي، برصغير جي هڪ محدود ۽ گهٽيل ماحول مان ڪڍي، ان ڪري يورپ ۽ ٻين ملڪن جي ماڻهن سان روشناس ڪرايو هو ۽ انهن کي اسانجي علم و ادب ۽ تهذيب و تمدن تي گويا ڪجهه وڌيڪ لکڻ ۽ مزيد تحقيقات ڪرڻ تي هر ڪايو ۽ آماده ٻڻ ڪيو هو ۽ ان ڪوشش ۽ احسان سبب، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جو نالو، تازيست، اسان سنڌين جي سينن تي اڪريل رهندو.

# سـر جـان بيمس

سر جان بيمس (Sir. John Beames)، ٢١- جون
سن ١٨٣٧ع تي، انگلنڊ ۾ ڄائو هـو. سن ١٨٥٨ع ۾،
ملازمت جـي سلسلي ۾، هندستان ۾ آيو ۽ سن ١٨٥٩ع
کـان سن ١٨٦١ع تائين، اٽڪل ٣- ورهيه، پنجاب ۾
رهيو. ان کانپوءِ بينگال بدلي ڪيو ويو، جتي هي جدا
جدا هنڌن تي، ڪمشنر ۽ روينيو بورڊ جو ميمبر وغيره
ٿـي رهيو.

هڪ اعليٰ سرڪاري منصب تي فائز هوندي بـه،
هـي صاحب روزانو ٢- ڪلاڪ، سخت پابنديءَ سان،
ڪتابن جي پڙهڻ ۽ هندستان جـي علمي - ادبي حالات
تي سوچ ويچار ڪرڻ تي، صرف ڪندو هو.

پاڻ هڪ هنڌ ڄاڻايو اٿس، تـه مونکي ڏيهي ادب جي
تحقيق ۽ مطالع جو شوق، "مسٽر - رابرٽ ڪالڊ ويل"
(Mr. Robert Cald Well) جـي هڪ تقابلي گرامر
(Competative Grammar of the Dravidian or —
(South Indian, Family of Languages جي پڙهڻ کانپوءِ
پيدا ٿيـو ۽ آرين ٻولين تي پنهنجي پاران خيال آرائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھن ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ ۽ سر جارج اسٽئڪ جي لکيل ڪتابن مان ڳڻ وڏو فائدو ورتو.

سنڌي زبان متعلق لکي ٿو، تہ اھا ھن ڪتابن جي ذريعي سڪي ۽ انَ بابت ڊاڪٽر ٽرمپ جي تحرير ڪيل ڪتابن کي خاص طور تي ھنھنجي آڏو رکيائين.

ڊاڪٽر ٽرمپ، پنھنجي جڳ مشھور گرامر ۾، سنڌي ٻوليءَ جي لهجن ( Dialects ) کي ٽن - سري، وچولي ۽ لاڙ - حصن ۾ ورھايو آھي، پر ھي صاحب، ان کان بہ گھڻو اڳتي وڌي ۽ پنھنجي عملي آزمودي ۽ عيني مشاھدات موجب، پنھنجي مشھور تصنيف؛ ” ھندستان جي جديد زبانن جو ھڪ تقابلي گرامر “ ( A Competative Grammar of the — Modern Languages of India ) ۾ لکي ٿو، تہ سنڌي زبان ۾ اھا بہ گھڻيئي لهجا موجود آھن ۽ انجي خيال موجب، سنڌ ۽ پنجاب جي سر زمين تي، ھر ڏھن ميلن جي پنڌ تي، ٻوليءَ جو لهجو ڦري ٿو ۽ ان نڪتہ نگاھ کان ھن صاحب جو اھو مشاھدو ڪيڏو نہ حقيقت تي مبني آھي.

ھي صاحب پنھنجي مٿين راءِ جي تائيد ۾، لاڙ جو مثال پيش ڪندي، لکي ٿو، تہ لاڙ ۾، ڳڙ ۽ ڪڇ جو پاڙو ڳڻ اچي وڃي ٿو، پر انھن جي ٻوليءَ جو طريقو ۽ لهجو پنھنجو پنھنجو آھي، انڪري سنڌ ۾ ٻوليءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مستقل حد بندي ڪرڻ، هڪ مشڪل ۽ محال امر آهي.

اڳتي هلي، هن صاحب، پنهنجي مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب ۾، سنڌي لفظ؛ ”هتي“ ( There ) جا، ديو ناگري - زبان ۾ ١٣- نمونا پيش ڪيا آهن ۽ اهڙيءَ طرح وري سنڌي لفظ ”مان“ (I) جون ٽي صورتون بيان ڪري ٿو ۽ انهن ۾ چائائي ٿو ته ”مان“ جو لفظ اڪثر ”شڪارپور“ ۽ سري واري پاڱي ۾ مروج آهي.

هي صاحب، پنهنجي مذڪور ڪتاب ۾، سنڌي زبان بابت لکي ٿو، تہ هن ۾ گويا ڪيترائي جهنگلي گل ( Wild Flowers ) موجود آهن، جن جي فطرتي سونهن ۽ دلڪش راحت جيڪا مون ڏٺي ۽ محسوس ڪئي آهي، سا هندستان جي اوڀرندي طرف وارين ٻولين ۾ بنهہ ڏسڻ ۾ نہ ٿي اچي!

هن صاحب جو مٿي ڄاڻايل ڪتاب ٻن جلدن ۾ موجود هو، جن مان پهريون جلد، سن ١٨٧٢ع ۾، لنڊن مان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو هو ۽ ان ۾ سنڌي، پنجابي، هندي، گجراتي، اُڙيا، مرهٽي ۽ بنگالي زبانن جي باري ۾ عالمانہ ذڪر ۽ بحث مباحثو ڪيو ويو آهي ۽ هندستان جي مذهب ۽ فلسفي تي پڻ دل کولي روشني وجهڻ ۾ آئي آهي.

هن ڪتاب جو ٻيو جلد ”گرامر“ تي مشتمل آهي ۽ اهو سن ١٨٧٥ع ۾ ڇپائي ظاهر ڪيو ويو هو. هن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسم، ضمير، صفت، حرف عات، جنس، عدد، حالت ۽ صحيح تلفظ وغيره تي محققانه بحث ڪرڻ ۾ آيو هو ۽ ڪن جاين تي، وڌيڪ صفائي ۽ وضاحت پيش ڪرڻ لاءِ، فارسي، ديو ناگري ۽ انگريزي لفظن کان به مدد ورتي ۾ آئي آهي؛ هن وقت هي ٻئي ڪتاب اڻلڀ آهن.

هن صاحب، هڪ ٻيو ڪتاب، سن ١٨٦٩ع ۾، هندستان جي فلسفي بابت پڻ لکيو هو ۽ ”مسٽر ايچ - ايليٽ“ ( Mr. H. Elliot ) جي هڪ ڪتاب نالي ( Supplement Glossary of Indians ) کي پڻ ترتيب ڏنو هئائين.

هن صاحب جا ”جرنل آف رايل ايشياٽڪ سوسائٽي، بينگال“ ۽ ”امپريل ايشياٽڪ ريويو“ ۾ بلڪ، وقت بوقت، علمي، ادبي ۽ معلوماتي مضامين ڇپبا رهندا هئا.

سن ١٩٠٢ع ۾، برطانيه ۾ وفات ڪيائين. هن صاحب جي مٿي ذڪر ڪيل تصنيفات کي، برصغير جي عالمن ۽ فاضلن ۾، تحسين جي نگاهن سان ڏٺو ۽ عزت و احترام سان بيان ڪيو ويندو آهي ۽ خاص طور تي هن صاحب عملي مشاهدات تي مبني، اسانجي سنڌي زبان تي، پنهنجي ڪتابن ۾، جيڪو بيش بها مواد پيش ڪيو آهي، تنهنکي اسان ڪڏهن به نظر انداز ڪري نٿا سگهون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سر جارج ابراهم گريئرسن

سر ڊاڪٽر جارج ابراهم گريئرسن ـــ (.Sir, Dr
(George Abraham Grearson ، انڊين سول سروس
جو ماڻهو ۽ هندستان جي انگريز سرڪار وٽ، هڪ اعليٰ
عهدي تي فائز ٿيل، آفيسر هو. هي صاحب
”ڊبلن - يونيورسٽي“ جو فارغ التحصيل ۽ اتجي مشهور
عالم - فاضل استاد: ”پروفيسر - اٽڪنسن“
(Prof. Atkinson) جو لائق فائق ۽ پيارو شاگرد هو.

هن صاحب، سن ١٨٨٨ع کان، هاڻ کي
”بينگال رايل ايشياٽڪ سوسائٽي“ - (Bengal Royal
Asiatic Society) سان منسلڪ ڪري، پورن ويهن ورهين
جي متواتر ڪوشش ۽ ڪاوش سان، برصغير جي
اٺڪل پنج سؤ بولين (ڀاشائن) ۽ انهن جي شاخن
(اپڀاشائن) جو، پورن يارهن وڏن ۽ ضخيم جلدن ۾،
تفصيل سان بيان ڪيو آهي ۽ انهن مان ڪيترا جلد
ته ٻن ٻن ۽ ٽن ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل آهن ۽ انهيءَ سموري
مواد جو نالو: ”لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا“
(Linguistic Survey of India) (هندستان جي زبانن
جو جائزو) رکيو اٿس.

ڊاڪٽر موصوف، پنهنجي هن لاثاني ۽ لافاني تصنيف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاگرافيءَ جي حدود کي پاسيرو رکي، انهي طبعي ۽ اثر رسوخ وارن حصن ۽ علائقن جو مفصل بيان ڪيو آهي، جو اڄ بہ، هوبهو ۽ عين بعين اهڙوئي بيو ڏيکارجي، جهڙو هن صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ تفصيل سان، ڄاڻايو ۽ بيان ڪيو آهي. هو صاحب، سنڌي - زبان جي حدود جي باري ۾ ڄاڻائي ٿو تہ :-

” سنڌي جيتوڻيڪ خاص سنڌ علائقي جي زبان آهي، پر ان هوندي بہ، هوءَ پنهنجي بي انداز مقبوليت ۽ اعليٰ حيثيت سبب، پنهنجي صوبي جون حدون لتاڙي، پنهنجي اوسي پاسي ۽ پري وارن صوبن تائين پرڙ پکڙجي ويئي آهي ۽ انهن هنڌن تي بہ اهڙي ئي سڪ ۽ محبت سان ڳالهائي ۽ استعمال ڪئي وڃي ٿي، جهڙي هيءَ پنهنجي اصلوڪي وطن ۾ ڳالهائڻ ۾ ايندي آهي ! “

هو صاحب اهڙن، سنڌي - زبان جي اثر هيٺ آيل اراضين جو ذڪر ڪندي، لکي ٿو تہ :-

” سنڌي، سنڌ جي اتر واري پاسي کان لنگهي، اتر - اولهہ طرف، بلوچستان ۽ مڪران تائين وڃي پهتي آهي ۽ اوڀر پاسي هن جو اثر وري پنجاب ۽ بهاولپور وارن علائقن تي پرڙ پيل ٿو ڏسجي. بلوچستان صوبي جي پنهنجي مکيہ زبان توڙي ” بلوچي “ آهي، تہ بہ هن علائقي جو اهو

حصو، جيڪو هنن ٻنهي صوبن جي وچ ۾ ٻيٽل
ٻڪون جبلن جي گهٽ اوچائيءَ واري هنڌ تي
ٻيٽل آهي ۽ جنهنجي ماڻهن جي آمدورفت،
بنا ڪنهن تڪليف جي، سنڌ طرف ٿيندي
رهي ٿي، تنهنجي ڪافي ماڻهن جي زبان 'سنڌي'
آهي ۽ هنجي اولهه - ڏکڻ واري پاڱي، يعني
چام جي "لس - ٻيلي" جي ماڻهن جي زبان
صرف: "سنڌي" ئي آهي!"

ان کان علاوه، ڏکڻ طرف هيءَ زبان،
"ڪڇ جو رڻ پٽ" ٽپي، خود "ڪڇ" جي
علائقي ۾ وڃي رسي آهي ۽ اتي جي ٻين زبانن
سان گڏ، روز مره جي ڪم ڪار ۽ ڪاروبار ۾،
باقاعدي استعمال ٿيندي رهي ٿي.

هيڏانهن تہ جي اوپر - ڏکڻ واريون جاگرافيءَ
جون تصوراتي سرحدون ٽپي، هن زبان
گجرات ۾ وڃي پڻ واسو ڪيو آهي ۽ اتي گجراتي
ٻوليءَ سان ڪاهي ۾ ملائي، پوري صوبہ
جو سير ڪندي ڏني وڃي ٿي!"

سر موصوف جي هن بيان ۾ ڪيڏي نہ صداقت
سمايل آهي: اڄ بہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو، پنهنجي اکين
تان تعصب جا ڪو ٻا لاهي ۽ اندر مان پنهنجي ازلي ڀائي
ڪيڏي، اهڙ سنڌ جي ضلعي: "جيڪب آباد" کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽپي، ڪوئيٽه ۽ زيارت طرف ويندو ۽ هوڏانهن ڪراچيءَ جي بين الاقوامي ماحول مان نڪري، اسن - ٻهاي جو رخ ڪندو، ته ڪيس، سر موصوف جي ڪيل بيان جي حقيقت ۽ صداقت پوريءَ طرح معلوم ٿي ويندي ۽ هيڏانهن ان ٻاري ۾ ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جي طرفن کان لڏي آيل مهاجرين کان هن حقيقت جي تصديق ڪري سگهجي ٿي! ملتان ۽ ٻهاولپور جي طرف جا ماڻهو پڻ، سرائڪيءَ سان گڏ، سنڌي - زبان پڻ عام جام ۽ هر وقت ڪتب آڻيندا رهندا آهن. ازانسواءِ اڄ ڪالهه سنڌ جو ٨٥ - ۽ ٩٠ - سيڪڙو عوام، پنهنجي ئي زبان ڳالهائيندو ۽ پنهنجي لکپڙهه ۽ خط و ڪتابت ۾ استعمال ڪندو رهي ٿو.

سر گريئرسن، هن ڀاڱي ۾، سنڌ جي فطري ۽ طبعي ٽن ڀاڱي، يعني سري، لاڙ ۽ وچولي جو بيان، اهڙي ته تفصيل ۽ وضاحت سان ڪيو ويو آهي، جو اڄ به انهن ڪنهن تبديل ۽ ڦير ڦار ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪانه ٿي ڪئي وڃي! انڪانسواءِ هن ڀاڱي ۾، هن صاحب، انوقت سنڌ ۾ مروج ۽ مٿي ذڪر ڪيل سورهن رسم الخطن جو عالمانه نموني سان ويهي تجزيو ڪيو ۽ انهن جي متعلق تفصيلي بيان ڏنو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جو، پر وارين ٻولين سان موازنه ڪندي، هي صاحب، سنڌي ٻوليءَ جون، ٻولين جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لحاظ سان، هي حدون ڄاڻائي ٿو :-

”سنڌي زبان جون حدون، اولهه ڏي بلوچي، اتر ڏي ملتاني ۽ اوڀر ڏي گجراتي زبانن سان وڃي لڳن ٿيون.“

هن ڀاڱي جي آخر ۾، سر گريئرسن، سن ١٩١٠-١١ع واري آدم شماريءَ موجب، سنڌي - ٻوليءَ جي انهن ڳالهائيندڙن جا الڳ اکر ڳڻ پيش ڪيا آهن، جيڪي انوقت سنڌ کان ٻاهر ۽ هندستان جي جدا جدا علائقن ۽ رياستن، جهڙوڪ :- وچين علائقن، برار، بهار، بمبئي، مدراس، ميسور، حيدرآباد دکن، اوڙيسا، گڏيل علائقن، بمبئي پريزيڊنسي جي جدا جدا راجواڙن ۽ رياستن ۽ بينگال جهڙي دور دراز ديسن ۾ رهندڙ هئا! هن صاحب پنهنجي هن جائزه ۾ ”سنڌي“ لفظ تي ڀڻ سير حاصل تبصرو ڪيو آهي.

مطلب ته سر گريئرسن جو، اسان جي سهاجهڙي سنڌي - زبان متعلق پيش ڪيل هي عالمانه ۽ فاضلانه جائزو، پنهنجي مت پاڻ آهي ۽ انجي مطالعي کانپوءِ، انجي ڄاڻايل حقيقتن ۽ انصاف پسنديءَ آڏو، اسانجو سر، عزت ۽ احترام جي جذبي ماتحت، خود بخود جهڪي ۽ هيٺ اچي وڃي ٿو ۽ اسان کي آخر هيءَ حقيقت، بنا ڪنهن خوف ۽ تردد جي، تسليم ڪرڻي پوي ٿي، ته ڪنهن به قوم ۽ قبيلي آڏو، انجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علم و ادب ۽ تهذيب و ثقافت کي زور ۽ زبردستيءَ سان فنا ڪرڻ ۽ انهي متائڻ سان، سورهيائي ۽ ناماچاري حاصل ڪري نتي سگهجي، بر انهي حقيقتن کي ميڙڻ ۽ انهي خصوصيات کي سارڻ سان ئي اها دستياب ٿي سگهي ٿي! دعا آهي ته شل خداوند ڪريم، اسان جي ملڪ ۾ رهندڙ سڀني ماڻهن جي دلين ۾، هن ڪلي ۽ فطرتي اصول کي قبول ڪرڻ جي همت ۽ جرأت پيدا ڪري. (آمين)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪئپٽن ايم - آر هيگ

ڪئپٽن ايم - آر - هيگ (Capt. M. R. Haig)، هڪ فوجي آفيسر هو ۽ ڪيس اوڻيهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾، سنڌ ڏانهن موڪليو ويو هو. هي صاحب هڪ وڏو عالم، جاگرافيدان، تاريخنويس ۽ عام - معلوماتي معاملن ۽ مسئلن سان خاص دلچسپي رکندڙ شخص هوندو هو.

هن صاحب، اوڻيهين صدي عيسويءَ جي آخر ۾، سنڌ جي متعلق هڪ بيش بها ۽ ڪافي معلومات سان پُر ڪتاب، نالي: ( Indus Delta Country )، يعني "سنڌ و ماڙيءَ جو ملڪ" جي عنوان سان، انگريزيءَ ۾ تحرير ڪيو، جيڪو پوءِ سن ١٨٩٤ع ۾، سوئنزر لنڊ مان ڇپجي پڌرو ٿيو.

هن گرانقدر ڪتاب جا ڪل ٩- باب آهن، جي مصنف جي اظهار خيال مطابق، جدا جدا وقتن تي، سنڌس ٻاران لکڻ ۾ آيا هئا. هن ڪتاب مان، سنڌ جي جاگرافي، رهڻي ڪهڻي، محل و قوع، سڪندر - اعظم جي سنڌ تي ڪاهه وقت، ملڪ جي حالت ۽ هن سر زمين بابت، مشرق جي عالمن ۽ جاگرافي نويسن جا رايا، معلوم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيڻ جو دستور ۽ رواج پڻ انهن قومن ۾ وڌيو هو!

اٺين باب ۾ وري حسن صاحب، ۹۲-۱۵۹۱ع ۾،
لوئر سنڌ ۾ انگريزن جي حيثيت ۽ فوج وغيره جي
موجود هجڻ جو بيان ڪيو آهي. هي تاريخ جو اهو دؤر
هو، جڏهن مغربي ماڻهن ۽ يورپ کنڊ جي مختلف
حڪومتن جون حرصي ۽ لالچي نگاهون، هن برصغير جي
طرف اُٿيل هيون ۽ انهن مان هر هڪ جو اهوئي ارادو
هوندو هو، ته هو سڀ کان اڳ ۾ هن ملڪ ۾ پهچي، ان
تي پنهنجو غاصبانه تسلط ڄمائي سگهي!

هن ڪتاب جي نائين باب ۾ وري، لوئر سنڌ جي
اوڻيهين صدي واري حيثيت ۽ حالت جو بيان ڪيو
ويو آهي.

هن ڪتاب جي سڄاءَ ۽ تفصيل مان ڏسڻ ۾ اچي
ٿو، ته انگريزن جو اوائل ۾ سنڌ جي هن مکيه ساحلي
علائقي ڏانهن ئي سمورو توجهه ڇڪيل هوندو هو، ڇو ته
انهن کي هميشه مغربي قومن ۽ ملڪن جي سامونڊي
ڪاهن جو خطرو ۽ خدشو لاحق هوندو هو ۽ خود انگريز
به چاهيندا هئا، ته هو پنهنجي زبردست سامونڊي آرماڙ
جي زور تي، هن برصغير جي سمورن سامونڊي بندرگاهن
تي پورو پورو قبضو ڄمائي، پوءِ ملڪ جي سموري
پيداوار تي اچي ڇاپو هڻن ۽ اهڙيءَ طرح
هن ملڪ جو سمورو سرمايو پاڻ ڏانهن سيڙهي وڃن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کان علاوه، شايد ڪئپٽن موصوف به گهڻو وقت ان ساحلي علائقي تي فائز رهيل هو ڏسجي، جنهن دوران هن صاحب، ان ڀاڱي جو پورو پورو جائزو وٺي ۽ انجو هر هنڌ گهمي، ان جو هن ۾ وچور ۽ تفصيل سان احوال ڏنو آهي. ان سلسلي ۾ هن صاحب، ثابتي طور، ڪيترا نقشا به پيش ڪيا آهن ۽ ڪتاب جي آخر ۾ هڪ ضميمو به شامل ڪيو اٿس، جنهن مان مذڪور ڪتاب جي غرض و غايت ۽ انجي مواد جو پتو پوي ٿو.

ڪتاب ۾ ڏنل نقشن مان، ڪراچيءَ جي ساحلي حصن، يعني: ڪلفٽن، ڪياماڙي، باٿ آئلنڊ ۽ جهازن جي گوديءَ وارن هنڌن کانسواءِ، عربي سمنڊ جي هڪ اوائلي شهر ۽ عربي سمنڊ ۽ سنڌو درياءَ جي ڇوڙ وٽ قائم ٿيل بندرگاهه: "پٽالا" يا "پٽالين" جو اصل محل وقوع معلوم ٿئي ٿو. ازانسواءِ انهن نقشن ۾ سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي کي به نمايان ڪري ڏيکاريو ويو آهي.

ڪئپٽن هيگ، پنهنجي هن تصنيف ۾ ڄاڻايو آهي، ته سندس هيءَ ڪوشش، مڪمل يا هن خطي بابت پوري پوري معلومات پهچائڻ جو ذريعو ثابت ٿي نٿي سگهي؛ پر انجي ابتڙ هن صاحب جي انهيءَ لکڻيءَ مان، هنجي ڪسر نفسيءَ جي واضح ثابتي ملي ٿي، ڇو ته هن صاحب، هن ڪتاب رستي جيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معلومات اسان تائين پهچائي آهي، تنهنکان وڌيڪ اسان، اڄ تائين، هڪ انچ به اڳتي سري نه سگهيا آهيون ۽ ان تصنيف سبب، هن صاحب اسانجي دلين تي جيڪو اڻ مٽجندڙ نقش ڇڏيو آهي، تنهنجو هن قلم جي نازڪ ۽ نفيس نوڪ سان بيان ڪرڻ، مشڪل ۽ محال آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪتابن جي وچور

هن ڪتاب جي لکڻ وقت جن ڪتابن، رسالن، اخبارن ۽ مسودن کان مدد ورتي ويئي هئي، سي هي آهن:-

## ڪتاب :-

الف - ب ڪيئن ٺهي (ڪاڪو ڀيرومل آڏواڻي)، سنڌي (لازمي) نصاب (نائون ۽ ڏهون ڪلاس)، سنڌو ماڙي ۽ ان ۾ رهندڙ قومون (سر رچرڊ برٽن)، بيت (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)، سنڌي گرامر (ميجر ڪولڊ سمڊ)، سنڌي ۽ انگريزي ڊڪشنري (ڪئپٽن اسٽئڪ)، رسالو شاهه جو (ڊاڪٽر ٽرمپ)، ايسپ جون آکاڻيون (ايلس) ۽ قديم سنڌ (ڪاڪو ڀيرومل آڏواڻي).

## رسالا :-

ماهوار : اديون، نئين - زندگي ۽ اردو ڊائجسٽ.

## اخبارون :-

الوحيد جو آزادي نمبر (سال ١٩٥٢ع)، روزانه "مهراڻ"، حيدرآباد؛ روزانه "حريت" ۽ "جنگ"، ڪراچي.

## مسودو :-

سنڌي بيت ۽ ان جي ارتقاء (حبيب الله ڀٽو).

---

هي ڪتاب قلمپوٽن امداد علي ڪمپوزنگ ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪائُو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن کو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان کو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن کو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڙ ڪي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.

- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

هي ڪتاب، مسٽر حبيب الله مولا بخش پٽو،
”مسڪين پبليڪيشن“، ٻراٽو مارڪيٽ شڪارپور
طرفان، ڪوهنور پرنٽنگ پريس، اسٽيشن روڊ،
شڪارپور ۾ مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو سات نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book